
روپ سُندرتا
(شاعري)
سومار "سنگم" مگڻهار
ڇپائيندڙ:
سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو محمد خان

# رُوپ سُندرتا

(شاعري)

سومار ”سنگم“ مگڻهار

ڇپائيندڙ:

سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو محمد خان

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

كتاب جا سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

كتاب جو نالو : روپ سُـنـدرتـا
ليکڪ جو نالو : سومار "سنگم" مگڻهار
موضوع : شاعري
ايڊيشن : پهريون
تعداد : 1000 هڪ هزار
قيمت : 200 سئو روپيا
سال : جنوري 2016ع
ڇپائيندڙ : سنڌي ادبي سنگت، ٽنڊو محمد خان
سهڪار : السنگم ادبي سٿ ٽنڊو محمد خان
خصوصي تعاون : اعظم پٽي ضلع رابطہ سيڪريٽري
ڪمپوزنگ / ٽائيٽل /لي آئوٽ : جهانزيب علي جوڻيجو
ڇپيندڙ : ساحل پرنٽر اينڊ پبلشر حيدرآباد
03332634650

كتاب جي ملڻ جا هنڌ

❖ مگڻهار هائوس پيپلز ڪالوني ٽنڊو محمد خان
فون نمبر : 0342_3613354
0312_8672045

❖ عاشق علي ڳاهو اسپير پارٽ
واپڊا گرڊ اسٽيشن چوڪ ٽنڊو محمد خان
0313_3589472

# ارپنا

جيجل سنڌ سڳنڌ
سنڌي ٻوليءَ
۽
پيارين ڌيئرن
فوزيا "سنگم"
نازيا "سنگم"
۽
وارث پوٽن
عبداللطيف ۽ عبدالڪريم مگسي هار
جي نانءُ

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”روپ سندرتا“** اوهان اڳيان پيش آهي. شاعريءَ جي هن خوبصورت مجموعي جو تخليقڪار **سومار سنگم مڱڻهار** آهي.

سومار ”سنگم“ جي شاعريءَ جو هي پهريون مجموعو ”روپ سُندرتا“، مجموعي طور سندس بهترين ڪوشش جو نتيجو آهي، هڪ اهڙو ثمر آهي، جنهن ۾ سومار ”سنگم“ جو پورهيو سمايل آهي، هڪ اهڙو سفر آهي، جنهن ۾ سومار ”سنگم“ جي زندگيءَ جون ڪيتريون ئي پوڳنائون، هن جي اندر جي لوچ پوچ ۽ حساس جذبن جو اظهار ٿيل آهي،

هي ڪتاب **سنڌي ادبي سنگت ٽنڊي محمد خان** پاران 2016ع ۾ ساحل پرنٽر اينڊ پبلشر حيدرآباد وٽان ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سائين سومار سنگم جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پيارن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


| س # | عنوان | لکندڙ | صفحو |
|---|---|---|---|
| 01 | مهاڳ روپ سُندرتا | غلام حسين رنگريز | 07 |
| 02 | ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ شاعر | عاشق علي ڳاهو | 09 |
| 03 | روشني جي سفر ڏانهن پهرين وِک | اعظم ٻٽي | 10 |
| 04 | ”سنگم“ سونهن ۽ سُرت جو شاعر | لالڻ سنيو | 15 |
| 05 | روپ سُندرتا ۾ معياري ادب | آڪاش ٽڪڙائي | 17 |
| 06 | جي تند برابر توريان | عاجز ”واحد گل“ لغاري | 18 |
| 07 | مرتبو ماٽيائين | امير جان سفير | 20 |
| 08 | جيون ساگر ڏينهڙا | سومار ”سنگم“ مگھڻهار | 23 |
| 09 | السنگم ادبي سٿ جو منشور | عنايت علي مگھڻهار | 25 |
| 10 | ميمبرشپ فارم | | 26 |
| 11 | ليکڪ جو تعارف | ڪامريڊ اسلم ٻٽي | 27 |
| 12 | حمد باري تعالىٰ | | 29 |
| 13 | نعت رسول مقبول * | | 32 |
| 14 | شان حسين رضہ الله تعالى | | 34 |
| 15 | گيت | | 35 |
| 16 | وايون | | 37 |
| 17 | غزل | | 41 |
| 18 | نظم | | 94 |
| 19 | چوسٽا | | 104 |
| 20 | بيت | | 107 |
| 21 | نثري نظم | | 108 |

## مهاڳ

# رُوپ سُندرتا

درد جون ڏنوڻيون جڏهن ڊُودا ڏُکائيندڙيون آهن تڏهن شاعر جي من ۾ هڪ اُڇاتي اُڇل پيدا ٿيندا آهي، جيڪا ڪوتا جو جو روپ ڌاري وٺندي آهي، اهو درد انسان جو ازلي ۽ ابدي ساٿي آهي.

شاعري جذبن، احساسن ۽ سوچن جي اظهار جو ذريعو ته آهي پر اُنهيءَ جي لوازمات ۾ فني پهلوءَ کي به اهم حيثيت حاصل آهي، جنهن شاعر وٽ ڏات ۽ ڏانءُ آهي سو سٺي شاعري تخليق ڪري سگهي ٿو، سومار ”سنگم“ سان ذاتي ڏيٺ ويٺ تڏهن ٿي جڏهن هو آبادگار شوگر ملز ۾ سنڌي ادبي سنگت جي شاخ کولي رهيو هئو جنهن پاران هڪ مشاعرو به ڪرايو ويو هو.

سومار ”سنگم“ مون کي سندس ڪمپوز ٿيل شاعري مهاڳ لکڻ لئه ڏني (جيڪو اعظم پيٽي لکي چڪو آهي) جنهن ڪم کان آئون اڪثر لهرائيندو آهيان، ڇاڪاڻ ته مهاڳ لکڻ هڪ ذميواري جو ڪم هوندو آهي، جنهن ۾ شاعر سان انصاف ڪرڻ لئه گهڻو ويچارڻو پوندو آهي، شاعريءَ جي مڙني پاسن يعني مواد، رواني، تشبيهن، ٻولي ۽ انداز يا اسلوب سان گڏ بحر وزن جي ڇڪاس پڻ ڪرڻي پوندي آهي، جيڪڏهن ڪنهن جي بيجا ساراهه ڪبي ته ايمانداري نه ليکبي ۽ ڪنهن جي ڪچاڻ ڦڪاڻ جي اوک ڏوک ڪبي ته واسطيدار ماڻهوءَ کي ڏکي لڳندي، انهيءَ ڪري ”سنگم جي ڪتاب ”روپ سُندرتا“ تي مهاڳ ته نه لکي رهيو آهيان پر پنهنجي راءِ ۽ تجويزن جو مختصر اظهار ڪري رهيو آهيان، ڇاڪاڻ ته سومار نهايت پيار سان هيءَ سندس پيار جو پورهيو منهنجي حوالي ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ مختلف صنفن تي مشتمل شاعري آهي جن ۾ حمد، نعت، غزل، نظم، وايون، گيت، ڇئوسٽا نثري نظم اچي وڃن ٿا، فني لحاظ کان ڪيس اڃا به محنت ۽ رياضت جي ضرورت آهي، ٻوليءَ تي دسترس حاصل

ڪرڻ لئہ ڪلاسيڪل ۽ جديد شاعريءَ جي گهڻي اپياس جي گُهرج آهي، جيتري قدر مواد جو تعلق آهي تہ هن وٽ دل جي ڪربلا جي درد کان وٺي سنڌ ڌرتيءَ جي غلامي جي پنجوڙن جو اظهار موجود آهي. جنهن مان سندس حساسيت پڌري ٿئي ٿي شاعري ۾ سنڌ هِن لئہ ڪعبو بہ آهي تہ ڪاشي بہ.

دولــــت نـــہ شُـــهرت، توڪـــان گهـــران ٿـــو
بخـــشش نـــہ جـنـــت، توڪـــان گهـــران ٿـــو
گهـرجـــي ٿـــي ”ســـنگم“ اُو اڙي آسمـــان،
ســـنڌوءَ ديـــش ڌرتـــي جـــي، مهلـــت گهـــران ٿـــو.

سنڌي عوام جا دک درد بہ هن کان ڏنا، سَنا نٿا ٿين، تڏهن ئي هو چوي ٿو:

حقـــن پنهـنجن ڪنـا غـافـل، رهـڻ وارا سـنڌي نـاهن،
چـنـڻ وارن چيـچـورن ڪـي، چـڏڻ وارا سـنڌي نـاهن.
هـڻـڻ ڏاڙا وسـيلن تـي، سـندان غيـرن سـندي عـادت،
ٿـين هيـٺن مٿـان ڪـاهون، ڏسـڻ وارا سـنڌي نـاهن.
هراسـا قـوم سـاريءَ کـي، حرامـي ٿـا ڪريـو چـالاڪ،
ڪليشـن جيـل ٿـاڻن کـان، ڊڄـڻ وارا سـنڌي نـاهن.

اهڙي طرح سومار ”سنگم“ جي شاعري هڪ احتجاجي آواز بہ آهي تہ همت ۽ جُرئت جو اعلان بہ. ”سنگم“ جي شاعريءَ ۾ رومانيت جو رنگ بہ رچيل آهي جيڪو دل کي ڇُهي وڃي ٿو.

منهنجي کيس گذارش آهي تہ هو مشق سُخن کي جاري رکندي لکندو رهي ۽ لکڻ سان گڏ مطالعو بہ ڪندو رهي!

**-غلام حسين رنگريز**

2 فيبروري 2015ع

# ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ شاعر

محترم سومار “سنگم” جي شاعري جو مسودومنهنجي هٿن ۾آهي. سائين جيڪو ڪجهه ڏٺو پڙهيوءِ محسوس ڪيو آهي اُهو سندن شاعري ۾ چٽو نظر اچي رهيو آهي. هڪ سٺي شاعر لاءِ ضروري به آهي ته هُن جي نظر جي اڳيان جيڪو سٺو يا خراب ٿي رهيو هجي ته اهو ان کي پنهنجي قلم سان اظهاري . سائين سومار “سنگم” جي شاعري ۾ روايتي رنگ به آهي ته جدت به آهي اُن جو سبب شايد هي هوندو ته هِن مسودي ۾ سائين جي شروعاتي شاعري ۽ هاڻوڪي شاعري گڏي رکي وئي آهي جيڪا سٺي ڪوشش آهي سائين جي شاعري ۾ مظلوم جي دانهن به آهي ته ظالم سان جهيڙي جو اعلان به ،ڌرتي سان محبت به آهي ته غدارن سان بغاوت ۽ نفرت به آهي جيڪا ڪرڻ گهرجي فِڪري حوالي سان سائين جي شاعري تمام بهترين آهي، پر فني حوالي سان ڪٿي ڪٿي اوڻايون به نظر اچن ٿيون مسلسل لکڻ ، پڙهڻ سان انهن تي ڪنٽرول ڪري به ٿو سگهجي.

سائين جو هي ڪتاب (روپ سندرتا) سنڌي ادب ۾ بهترين واڌاروآهي. اميد آهي ته سائين جو قلم ۽ قدم انسانيت جي ڀلائي ۽ ڌرتي سان محبت لاءِ اڳي کان اڳڀرو رهندو

**عاشق علي ڳاهو**

مرڪزي نائب صدر

السنگم ادبي سٿ

ٽنڊو محمد خان

11نومبر 2015ع

# روشني جي سفر ڏانهن پهرين وک

شاعريءَ پيار جو اهو پورهيو آهي، جنهن جي اگهامجڻ لاءِ هر شاعر محبت جي من ۾ جهاتي پائي رنڊا روڙيندو آهي ۽ هر شاعر جي اها خواهش هوندي آهي تہ هن جي پيار جو پورهيو اگهامجي پئي! منهنجو ذاتي خيال آهي تہ ڪنهن بہ شاعر جي شاعريءَ جي جيڪڏهن هڪ سٺ مان بہ سماج کي ڪو لاڀائتو پيغام ملي ٿو تہ اها ان شاعر جي ڪاميابي ليکجڻ گهرجي. باقي احساساتي طور هر شاعر توڙي تخليقار جي اها آس هوندي آهي تہ دنيا امن ۽ آشتي جو گهوارو بڻجي، مظلوم ماڻهن کي انصاف پلئہ پئي، حق ۽ سچ جي فتح ٿئي سو شاعر جي هن ڪتاب ”روپ سُندرتا“ جو ليکڪ سومار ”سنگم“ سنڌ ڌرتيءَ جي لاڙ واري زرخيز خطي سان تعلق رکي ٿو جنهن خطي ۾ سنڌي شاعريءَ ٻوليءَ ۽ ادب جي آبياري لاءِ سوين سالن جو اهڙو سفر ڪيو آهي، جنهن سفر نہ رڳو سنڌي ٻوليءِ، ادب ۽ شاعريءَ کي نوان لاڙا ۽ گس ڏنا آهن پر هن کي هڪ اهڙي مهانتا ارپي آهي، جيڪا تاقيامت قائم ۽ دائم رهڻي آهي، سنڌي ٻوليءَ خوش قسمت ٻوليءَ آهي. جنهن سوا لک کان وڌيڪ شاعرن کي جنم ڏنو آهي، انهن سمورن شاعرن جي من اندر ۾ وطن سان محبت ۽ عشق جو فطري جذبو سمايل آهي، وطن تان قربان ٿيڻ جي سياويڪ احساس سان گڏ انهن شاعرن وطن سان محبت جو درس ڏيڻ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏي آهي. ڌرتيءِ جي سڳنڌ، مٽيءَ جي خوشبوءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سونهن کان متاثر ٿي سومار ”سنگم“ شاعريءَ جي ڪنوار سان نيڻ اٽڪائي 24سالن جو سفر طئہ ڪيو آهي. ان سفر ۾ هن جيڪي بہ سختيون تڪليفون تعجب پرستيون ۽ مشڪل مرحلا پار ڪيا آهن، اهي

هن ڪتاب جي زينت بڻيل آهن، هو جتي سنڌ وطن ۽ ٻوليءَ جي حفاظت جي ضرورت تي زور ڏئي ٿو اتي جبل، ٻيلا، پٿون ۽ واري بچائڻ جي به گهر ڪري ٿو.

جبل ٻيلا پٿون واري بچاءَ تن جو ڪرڻ گهرجي،
بچائڻ سنڌ وطن ٻوليءَ حفاظت جي ضرورت آ.

هو قوم جي بهادريءَ واري عمل کان ڪنهن به صورت ۾ غافل ناهي، هو سمجهي ٿو ته ڪيڏيون به اُرهه زورايون هجن پر اسان جي پوري قوم کي هيسائي، ڏمڪائي زير بار نٿو ڪري سگهجي، چاهي انهن تي هٿيار ٽاڻي انهن کي جيلن ۽ ٽاٽن ۾ واڙيو چو نه وڃي.

هراسان قوم ساريءَ کي، حرامي ٿا ڪريو ڇا لاءِ،
ڪليشن جيل ٽاٽن کان، ڊڄڻ وارا سنڌي ناهن.

وطن جي مارو ماڻهن جي نوڙت، نماڻائي، عاجزي کي شاعر انهن جي ڪمزوري نه پر انهن جي حڪمت ۽ ڏاهپ ڪوٺي ٿو مارو ماڻهو جنهن سان به نوڙت جو ناتو رکن ٿا، اهو خوب نڀائي به ڄاڻن ٿا، اهي ناتا اڄڪلهه جا نه پر صدين جا پراڻا ناتا آهن، جن کي شاعر هن ريت بيان ڪري ٿو.

اسين مارو منڙا، نماڻا ٿا سڏجون،
وطن سنڌ جا سمجهو سياڻا ٿا سڏجون.
رکون ناتا جن سان نڀايون ٿا تن سان،
سندا پنهنجن ساڻ "سنگم" پراڻا ٿا سڏجون.

خوشين کي پنهنجي ڌرتيءَ سان سلهاڙڻ، ثقافت کي اُجاگر ڪرڻ، تحفن جي مٽا سٽا جي روايت کي زنده رکڻ ۽ مُرڪون وکيرڻ واري ريت کي هن ڪيڏي نه خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن مان شاعر جي زنده دليءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو ٿهڪ ڏئي کلڻ جون ڪيڏيون نه حسرتون سانديو ويٺو آهي.

سنڌوءَ جي ڪناري ملڻ يار اڄجان،
ملڻ عيد سهڻا سڄڻ يار اڄجان.
اجرڪي رنگن تي وڳون نئون پهري،
وٺڻ گل ۽ تحفا ڏيڻ يار اڄجان.
اجان سُرن مُرڪون وکيريان پيو هت،
ڏئي ٿهڪ مون سان کلڻ يار اڄجان.

هو زندگي جي سفر ۾ توڪل جي ٻيڙي کي تاري طوفانن سان ٽڪر کائي، ڪنارن تي واپس ورڻ جو حوصلو نٿو وڃائي، پٿرن کي تراشي، ڪاشي تي رنگ پري، ڌرتيءَ جي وارثي ڪري آزاديءَ جو سج اُڀارڻ لاءِ پُر اميد آهي، جنهن خاطر هو رت سان غزل ۽ گيت لکي، اُميدن جا ڏيئا ٻاري پيو.

لکجن رت سان "سنگم" غزل گيت سنڌ لئہ،
اميدن جو ڏيئڙو ٻري پيو اجان.

ڪنهن بہ شاعر جي اها بنيادي ذميواري آهي تہ هو پنهنجي ذات کي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن لاءِ وقف ڪري ۽ ڪنهن بہ شاعر کي وطن دوست يا محب وطن قرار ڏيڻ لاءِ مٿئين پهلوئن کي نظر ۾ ضرور رکڻ گهرجي تہ ڪير ڪيتري حد تائين پنهنجي ڌرتيءَ، ڌرتيءَ جي ماڻهن ۽ ڌرتيءَ جي سٻاجهڙي ٻوليءَ سان وفادار ۽ سچو آهي، اسان جي دوست سومار "سنگم" جي شاعريءَ جو اڪثر حصو حب الوطني جي مدار ۾ گهمي ٿو اهڙن جذبن جو اظهار هن مختلف جڳهين تي مختلف حوالن سان ڪيو آهي.

سومار "سنگم" سنڌ جي وڏيرا شاهي واري نظام ۾ جرڳن جي ڪُڌين رسمن کي انهن ئي سواليہ نظرن سان ڏسي ٿو جنهن نظر سان اهل علم، روشن خيال ۽ ترقي پسند ماڻهو کي ڏسڻ گهرجي، ڏنڊ چٽي ۾ نياڻيون جرڳن

وسيلي ڏيڻ کان وٺي نياڻين جو پاڪ ڪتاب سان لائون لهڻ تائين، پُڳڙن مُٽ نياڻيون وڪرو ڪرڻ کان وٺي، پيرين اگهاڙي ٽانڊن تي هلائڻ واري ڪُڌي رسم تائين، هر ڪُڌي قدم تي سندس قلم سواليه تلوار جي شڪل ۾ اُڀو آهي، سندس قلم سنڌ جا ميلا ۽ گهمائي ٿو مدارين جا کيڏ ۽ ڏيکاري ٿو، درگاهن جا تبرڪ طور پاڻي پياريندي ۽ نظارا پسائي ٿو ته راڳين جا سُر وکيريندڙ سوز ۽ ارپي ٿو. هو پنهنجي ڌرتيءَ تي دهشتگردن ۽ قاتلن جي ٺهري ڪارروائين کان پڻ چڱي طرح واقف آهي، ويڪائو وڏيرن جي ڪردار کي ۽ نندينڌو رهي ٿو. مثال طور:

دهشتگرد قاتل قهاري نه گهرجن
مقتل گهر ۾ مُنڪر مڪاري نه گهرجن.

ٻئي هنڌ چوي ٿو ته :

وڪيا سنڌ وسيلا وڪي ڌرتي ٻولي،
وڏيرا پير واپاري نه گهرجن.

سومار ”سنگم“ گهٽڪي، مين پڙي، پان، سگريٽ جهڙين سماجي بُراين کي مٺو زهر قرار ڏيندي، پنهنجي صحت کي سنڀارڻ جي صلاح ڏئي ٿو هو قوم کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته اوهان جي زندگي قيمتي آهي، ان کي دنيا جي دوکي ۾ ضايع نه ڪريو.

سومار ”سنگم“ جي شاعريءَ جو انداز بلڪل عوامي انداز آهي، جنهن ان کي تمام آسان لهجي ۾ سمجهه ۾ اچڻ جهڙو بڻائي پيش ڪيو آهي، جيڪا شاعراڻي خصوصيت آهي، جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌ جو هي شاعر هر وقت عوامي ميل جول جو قائل آهي، سندس شاعريءَ ۾ ڪٿي ڪٿي نج ٻهراڙي جا لفظ ڪتب آندل ٿا ڏسجن ته ڪٿي وري نيٺ سنڌي هاريءَ جي ٻوليءَ استعمال ڪيل ٿي ڏسجي، جيڪا سندس فني خوبي چئي سگهجي ٿي، هن ڪتاب ۾ سومار ”سنگم“ غزل، گيت، وائي،

نظم، نثري نظم، چئوسٽن ۾ بيتن سان تمام سٺو نڀاءُ ڪيو آهي، سندس نثري نظم ”دل جي ڪربلا“ هن ڪتاب جو شاهڪار نثري نظم قرار ڏئي سگهجي ٿو.

سومار ”سنگم“ جي شاعريءَ جو هي پهريون مجموعو ”روپ سُندرتا“، مجموعي طور سندس بهترين ڪوشش جو نتيجو آهي، هڪ اهڙو ثمر آهي، جنهن ۾ سومار ”سنگم“ جو پورهيو سمايل آهي، هڪ اهڙو سفر آهي، جنهن ۾ سومار ”سنگم“ جي زندگيءَ جون ڪيتريون ئي پوڳنائون، هن جي اندر جي لوچ پوچ ۽ حساس جذبن جو اظهار ٿيل آهي، اهو پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي ته ان مان ڪهڙو پيغام حاصل ڪن ٿا، ۽ ان کي ڪيترو پسند ڪن ٿا؟ بحرحال آئون سومار ”سنگم“ جي مانيٽي مزاج، حساس طبعيت ۽ سادگيءَ کي ڏسندي سندس تخليق کي به حساسيت ۽ سادگيءَ جي رُوپ ۾ سندرتا محسوس ڪندي اهو سمجهان ٿو ته هي مجموعو سندس درد جي دانهن آهي، هي مجموعو روشنيءَ جي سفر ڏانهن پهرين وک آهي......!!

**اعظم پنٽي**

ضلع رابطہ سيڪريٽري

ٽنڊو محمد خان

19 نومبر 2015ع

# ”سنگم“، سونهن ۾ سُرت جو شاعر

دوست سومار ”سنگم“ سان منهنجو واسطو22 نومبر 1991ع ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ سنڌ آبادگار شگر مل پاران ڪرايل غيرطرحي مشاعري ۾ ٿيو.سندس خاموش طبيعت ۽ سنجيده شخصيت، سچائي، وفاداري هئڻ جي ڪري منهنجي ساڻس دوستي ٿي، مون ۽ ”سنگم“ تمام گهڻو عرصو گڏجي ادبي سفر ڪيو آهي.

”سنگم“ پنهنجي فيصلي تي اٽل رهڻ ۽ هار نه مڃڻ، منهن تي سچ چوڻ ۽ ڪنهن جي خوش آمد نه ڪرڻ وارو اڇو اُجرو شخص آهي، سندس شاعريءَ جو مجموعو ”روپ سنڌرتا“ منهنجي اکين جي سامهون هٿن ۾ آهي جنهن ۾ ”سنگم“ الله ۽ رسول کي راضي ۽ محبت ڪرڻ جي ڳالهه ڪندي چيو آهي ته.

مرسل مدينـي جـو مـٺـا ديـدار درشـن ٿـو گهـران
حاضري در حضـور جـي حاجـت هجـتن ٿـو گهـران

بئي هنڌ وري اسان جي سماج ۾ وڏيرن ۽ سردارن جي بنگلن جي بند ڪمرن ۾ ٿيندڙ ڪاروڪاري تي جرڳا سسٽم سنڌ جي لڄاتي نياڻين جي عزتن کي ڪاروبار ڪري هلائيندڙن خلاف ”سنگم“ پنهنجي شاعريءَ ۾ بغاوت ۽ ساڻن سخت نفرت ڪرڻ جو ثبوت ڏنو آهي نياڻين کي تعليم جهڙي زيور کان پري رکڻ پنهنجي جائيداد کي حصن کان بچائڻ جي لالچ ۾ نياڻين جا حق بخشرائڻ، قرآن سان لائون ڏيارڻ جهڙي ڪڌين رسمن خلاف بهترين جذبن کي وڏي دليري سان ڪاغذ جي ڪينواس تي اتاريندي چيو آهي ته

ڏنـڍبن چٽـيـون، ڏيـنـدڙ نيـاڻيون جرڳـا چـو.
هـنجن کسـجن جـي گهـر، ڏجـاڻيون جرڳـا چـو.
ڪـرڻ مصـلي پڙهـو ڏيـن ڪتـاب سـان لائـن

رَتــڙا روئــن ٽيــون ســنڌ ۾ راٽيــون جرڳــا چــو.

”سنگم“ پنهنجي قوم لاءِ ايڪو ٻڌي محبت ۽ پيار نندين وڏين ڳالهين کي ختم ڪري پاڻ ۾ هڪ ٿي رهڻ جو سبق پڻ ڏنو آهي.

وسارڻ ســپ ڪــپن ويچــا عــزازت جــي ضــروت آ.
اســان جــي قــوم کــي ايثــار و الفــت جــي ضــرورت آ.

سندس شاعريءَ ۾ سچ بہ آهي تہ سونهن بہ ۽ انقلاب جا حقيقي رنگ رمزون ”بحر وزن“ ۽ پختگي آهي، ”سنگم“ سنڌ جي پڙهيل ۽ اڻپڙهيل طبقي ۾ هڪ جيتري مقبوليت رکي ٿو. هن شاعري کي زندگي جي مشاهدن متاثر ٿيندڙ حساس جذبن، حادثن کي محسوس ڪندي اظهار جو ذريعو بڻايو آهي، سنڌ مٽيءَ جي ماڻهن سندن سياسي، سماجي حق تلفين، ٻوليءَ سان ٿيندڙ ويڌن استحصالي قوتن جي ڏاڍ خلاف پڻ ذهني سوچ کي قلم وسيلي شاعري جي انداز ۾ گڏ ڪري پنهنجي شاعري مجموعي ”روپ سندرتا“ ۾ لفظن کي تشبيح ڏيئي پيش ڪيو آهي، پنهنجي شاعريءَ ۾ وک وک تي سچ جون صدائون ۽ لفظن کي ڪيتريون ئي معنائون ڏنيون آهن، وٽس لفظ قطار ڪيو ۽ حڪم جا غلام ٿيو بيٺا هوندا آهن، ”سنگم“ سونهن ۽ سُرت جو شاعر آهي، سندس شاعريءَ ۾ گلابن جي خوشبوءَ ڏرتي سان پيار ۽ زندگي جو حسين عڪس شامل آهي.

**لالڻ سئيو**

مرڪزي سينيئر نائب صدر
هاري حقدار تحريڪ، سنڌ
8 ڊسمبر 2015ع

# روپ سندرتا ۽ معياري ادب

اڄ دنيا ۾ هر ٻوليءَ ۾ادب وڏي پئماني تي لکيو ۽ ڇپيو پيو وڃي، ان نسبت سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ ته ادب جي لکجڻ جي اُها رفتار ناهي جيڪا هئڻ کپي ۽ ڇپجي به گهٽ ٿو ۽ جيڪو ڇپجي ٿو ان مان معيار جي ڪسوٽيءَ تي تمام گهٽ لکڻيون ئي لکجن ٿيون. منهنجي خيال ۾ ادب/شاعريءَ جي ڇپجڻ جي لاءِ اهو لازمي شرط هئڻ کپي ته اُهو "معياري" هجي پوءِ ان جو تعداد گهٽ ئي هجي.

سومار"سنگم" سان ادبي شناسائي ان وقت کان آهي جڏهن اسان اڃا مس لکڻ شروع ڪيو هو ۽ سومار "سنگم" جو شمار پراڻن لکڻ وارن ۾ ٿيندو هو. مختلف جاين تي ڪيس پڙهيو ۽ ٻڌو آهي، سنڌس شاعريءَ ۾ ماروئڙن جودرد ۽ مٽيءَ جي خوشبوءَ محسوس ڪري سگهجي ٿي. سنڌس شاعريءَ ۾ ڪافي جاين تي نهايت ئي خوبصورت خيال پڙهڻ لاءِ مليا. ليڪن اهو پڻ محسوس ٿيوآهي ته انهن خوبصورت خيالن کي سومار "سنگم" فني لحاظ کان جوڙجڪ جو لباس نه پارائي سگهيو آهي. انهيءَ مان محسوس ٿئي ٿو ته "سنگم " جو تجربو طويل مشاهدو اونهو پر مطالعو گهٽ آهي. ڪيس ان طرف ضرور توجهه ڏيڻ گهرجي ته هڪ سگهارو ادب لکجي ۽ سٺيون لکڻيون/شاعريءَ پڙهندڙن/ٻڌندڙن تائين پهچي ۽ هڪ معياري ادب، ڇپجي اڳتي اچي. سنڌس ادبي سفر ۾ ڪاميابين لاءِ دعاگو آهيان.

خيرانديش

**عبدالستار آڪاش تڪڙائي**

10_01_2015

# جي تند برابر توريان

سومار “سنگم” مگڻهار جي شاعري جو مجموعو روپ سُندرتا محمد اسحاق لغاري سنڌ هاءِ ڪورٽ حيدرآباد ڪٽي آيو. اهو 90_1989ع جو زمانو هو آئون مڊل اسڪول سعيد خان لنڊ (آبادگار شوگر ملز) ائين ڪلاس ۾ پڙهندو هوس شروعات ٻاراڻي ادب لکڻ سان ڪيم سنڌي ادبي بورڊ پاران ماهوار گل ڦل، سليلسوار سنڌي ٻارڙا پبليڪشن ۽ مختلف رسالن ۽ اخبارن لکڻيون ڇپيون هيون، هڪ ڏينهن سنگم مليو جنهن چيو عاجز تون سنگت جوائين ڪرين ته بهتر ٿيندو پوءِ آئون سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون اٽينڊ ڪندو رهيس ميمبر بعد ۾ جوائينٽ سيڪريٽري چونڊيو ويس. مون تي استاد پروفيسر قادر بخش مگسي جو تخيلقي زندگيءَ تي وڏو اثر هيو بيشڪ سنگم جي سرپرستي هيٺ ڪافي شاعرن ۽ اديبن جي رهنمائي حاصل ٿي سنگم سان زندگي جي سفر ۾ ڪجهه وقت گڏ هلڻ سان پروڙ پئي ته هن جي اندر ۾ وينل پريت جو پڪي جيڪو ٻولي ٻوليندو هو سو اڄ هن روپ سُندرتا ڪتاب جي صورت ۾ ظاهر آهي سنگم جي شاعري سندس زندگي جي آرسي ظاهر ڪري ٿي.

سنگم مدرسي جو طالب هئڻ ڪري دنياوي اثر کان علاوه مذهبي رنگ ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي ۽ معاشرتي اوڻاين، جبر ۽ نا انصافين خلاف جهاد ڪيو آهي سنگم شاعري ذريعي بيان ڪيل خيالن ۾ معاشري جي حقيقي تصوير چٽي آهي. شاعر جي ذاتي زندگي جي هلچل کان وٺي ڌرتي تي ٿيندڙ هر ظلم وستم جي تصوير کي پنهنجي شاعري ۾ بلڪل ظاهر ڪري ان کي ننديو آهي سنگم واقعه ڪربلا ۽ حضرت امام حسين عليه سلام جي شان ۾ لکيل مرثيو.

ملعـــون جـــي آڻ مجـــي ارڏو حســـين ڪيـــئن؟
رســـول الله * هـــو نبـــي مظهـــر حســـين جـــو.

هڪ اهڙو عظيم سچ آهي جنهن باطل کي هميشه لاءِ ذليل ۽ خوار ڪيو آهي مطلب ته سنگم هر موضوع تي شاعري ڪري هر پاسي نيائيندي نظر اچي ٿو سندس شاعري تي نظر وجهڻ سان پروڙ پوي ٿي ته شاعر ڪيترو

ارادن جو پختو آهي ۽ سندس شاعراڻہ انداز ڪيترو مضبوط آهي. سنگم جي شاعري مان مشاهدو ڪري سگهجي ٿو تہ هن جي شاعري فقط ۽ فقط ڌرتي سان پيار ۽ نياءَ جو ثبوت آهي.

سنگم جي شاعري جي مطالي ڪانپوءِ آئون ان راءِ تي بيٺو آهيان تہ سنگم جيڪو ڪجهہ لکيو آهي سندس ذاتي مشاهدو آهي پاڻ شاعري جي جيڪا عمارت اڏي اٿس ان جي پيڙهہ پختي ۽ منفرد انداز رکي ٿي پنهنجي قوم، ٻولي ۽ سماجي مسئلن جو اپٽار آهي جيڪا قوم ۾ سجاڳي پيدا ڪندي، جيڪو رنگ سنگم جي شاعري ۾ نظر اچي ٿو تنهن کي نہ وقت جا طوفان لوڏي سگهن ٿا نہ وري زلزلا ۽ ٻوڏون ٻوڙي سگهن ٿيون پنهنجن جون نا انصافيون پراون جون ٻي واجبيون، طبقاتي اونچ نيچ، محبت ۽ نفرت کي محسوس ڪندي بغاوت جو رستو بہ ڏسي ٿو. سنگم سونهن ۽ سچ جو شاعري آهي آئون سنگم مان پر اميد آهيان تہ هو نئين ٿهيءَ جو اُسريل شاعر آهي سندس شاعري قوم لاءِ هڪ اتساهہ آهي سندس شاعري جو هي ڪتاب سنڌي شاعري جي گلابن ۾ گلابي گل ثابت ٿيندو.

سنگم جي شاعري جي گلدستي ۾ هر گل جي خوشبوءَ سمايل آهي جيڪا هر پڙهندڙ کي محسوس ٿيندي سنگم جي هي تخليق اسان لاءِ ڪنهن تحفي کان گهٽ نہ آهي مستقبل ۾ بہ اهڙي قسم جي توقع آهي تہ هو پنهنجي قلمي پورهيئي کي جاري رکندو.

دعاڳو

**ايڊووڪيٽ عاجز لغاري**

هاءِ ڪورٽ آف سنڌ حيدرآباد

18 جنوري 2015

# مرتبو ماڻيائين

تنهنجي تند تنوار، مون من موهيو مڱڻا (شاهہ)

سنڌ ڌرتي جي سڳنڌ مٽي تي صدين کان رهندڙ مڱڻهار ذات جنهن جي سڃاڻپ هن ريت آهي تہ سردار همير سنگهہ جنهن جا ست پٽ هئا جن ۾ هڪ جو نالو مڱڻ هو جيڪو ٻين سيني ڀائرن کان ننڍو هو مڱڻ پنهنجي والد کان سندس جاگير مان پنهنجو حصو گهريو جنهن تي سندس ٻيا ڀائر مٽس ڪاوڙجي پيا هئا پر سردار همير سنگهہ، مڱڻ جي هن جرئت، بهادري ۽ سچائي کي ڏسي ڪيس جاگير مان سندس حصو ڏيڻ سان گڏوگڏ پنهنجو حصو پڻ عطئي طور ڏيئي مڱڻ کي سردار مقرر ڪري ڪيس مڱڻهار جو مرتبو ڏنو جنهن کانپوءِ پاڻ اسلام قبول ڪري مسلمان ٿيا جنهن ڪري سندن سڃاڻپ امر بڻي ان مان ثابت ٿيو تہ مڱڻهار جي معنيٰ پنندڙ نہ پر پنهنجو حق گهرندڙ آهي جيڪو حق ڪيس حاصل ٿيو. مڱڻهار سنڌ جي وفادار، پورهيت، نهايت ئي ايماندار ۽ سماٽ ذات آهي. مڱڻهارن جا سڄي سنڌ ۾ پنهنجا ڳوٺ، وسنديون ۽ شهر ۾ ڪالونيون موجود آهن ۽ پاڻ زميندار ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ گهڻا ئي خوشحال آهن. مڱڻهارن جو تعلق ساز ۽ آواز سان هجڻ ڪري پاڻ سنڌ ۾ ڪيترائي وڏا راڳي جن ۾ محمد يوسف، منظور سخيراڻي مائي ڀاڳي ۽ علڻ فقير ٿي گذريا آهن. مڱڻهار خوشيون وکيريندڙ پنهنجا ڪيترائي ڏک درد سيني ۾ اکين ۾ لڙڪ لڪائي ٻين جي روحن کي راحتون ۽ انيڪ دلين کي خوشيون بخشيدا رهيا آهن مڱڻهارن جا سنڌ ۾ مختلف پاڙا ۽ سڃاڻپون آهن جن ۾ ختنگ پاڙي جي بزرگاڻي سڃاڻپ آهي هيءَ نهايت ئي اصول پرست، سادا سڀاجهڙا، جلالي طبيعت ۽ صوفياڻي شخصيت رکندڙ فقرا ماڻهو آهن. جن ۾ اسان جو بزرگ ڀاءُ سومار ”سنگم“ پُڻ آهي پاڻ ڪتاب روپ سُندرتا تخليق ڪري سنڌي شاعرن جي قطار ۾ بيهڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي جيڪو سچ سنڌي ٻولي ءَ جي تاريخي ڪُنڊ ۾ ضرور لکيو ويندو. مڱڻهار سنڌ ۾ ڪيترائي عالم ولي، روحاني شاعر، بزرگ ۽ درويش جن ۾ عاشقِ رسول * ۽ روحاني شاعر حضرت عبدالرحيم گرهوڙي ۽ الله جو ولي حضرت ختنگ فقير ٿي گذريا آهن. ختنگ فقير جيڪو هڪ دفعو شهر ميرپور ساڪرو (هاڻ تعلقو ميرپور ساڪرو ضلعو ٺٽو )لڳ ڄام سلطان جي دربار ۾ آيو ۽ پاڻ ماني کائڻ لاءِ سوال ڪيائين تہ ڄام سلطان ختنگ فقير کي چيو تہ سدائين گهرو ٿا پر اڄ آئون ٿو گهران تہ مون

ڪي پٽ ڏيو ۽ پوءِ مون کان جيڪو وٺي سو گهرجو. ختنگ فقير الله تعاليٰ جي بارگاهه الاهي ۾ هٿ کنيا ۽ دعا گهري ۽ پوءِ ختنگ فقير ڪجهه کائڻ ۽ پيئڻ جي بغير روانو ٿيڻ لڳو ته ڄام سلطان چئيس ته مون کي پٽ ٿيو ته آئون توکي سون جي ناڪيلي سان پيلو اٺ ڏيندس ختنگ فقير چيو ڄام تو کي پٽ الله تعاليٰ نشاني سان ڏيندو. ختنگ فقير جي دعا قبول ٿي ۽ ڄام سلطان کي الله تعاليٰ پٽ عطا فرمايو جنهن جي جسم تي (گُل جي شڪل ۾) نشاني ظاهر هئي ختنگ فقير سال کان پوءِ آيو ته ڄام سلطان ڪجهه ڏينهن لاءِ مسافري ۽ شڪار تي ويل هو ۽ ڄام دربانن کي چئي ويو هو ته هيئين پارن سان ختنگ فقير ايندو ان کي سون جي ناڪيلي وارو اٺ ڏئي موڪلجو. جڏهن ختنگ فقير ڄام سلطان جي دربار ۾ آيو ته ٻيا فقير ڄام جي پٽ جو ٻڌي سوالي بڻجي آيل هئا جن ماني ويتي کاڌي جنهن تي دربانن چيو ته هن فقير کي به ماني کارايو جنهن تي ختنگ فقير ماني کائڻ کان اڳ ويٺل فقيرن کي هڪ ڏور ڏنو جيڪو هن ريت هو.

گهڻـــا ڏڙا ڏرتـــي، گهڻـــا پـــاٽيءَ پـــاءُ.
ڪٿـــي ســـرجي ســـيءُ ٿـــو ڪٿـــي رهـــي ٿـــو واءُ.
مـــاني پـــوءِ کـــاءُ پهـــرين، جـــواب ڏيـــو فقيـــر ڪـــي.

جنهن تي ڪنهن به جواب نه ڏنو ۽ پاڻ ماني کائڻ لاءِ وينو ته ڄام سلطان جي دربارين کيس نانگلي جي ماني ۽ گجرن جو ٻوڙ ڏنو جنهن تي ختنگ فقير ماني کائڻ کان انڪار ڪيو جنهن تي نوڪر کيس چيو ته هن وقت تولاءِ ڪڪڙ جو پلاءُ ڪٿان آڻيون. جنهن تي ختنگ فقير جلاليت ۾ اچي چيو ته اوهان ڄام سلطان کي منهنجو هي نياپو ڏئي ڇڏجو پاڻ ڏور چئي روانو ٿيو.

ســڙهه مـــاني نـــانگلي، ســـڙهه گجـــرن جـــا گـــزران.
ســـڙهه ســـارا ســـاڪرا، ســـڙهه ســـارڙا ســـلطان.
ڇيـرو لڳـئي ڄام، وجـي سـڙنئين ڪـپ ڪلـري جـا.

ختنگ فقير ڏور ڏئي هليو ويو پويان ڪلري جي پوري وسندي ۽ ڄام سلطان جي دربار کي چؤطرف کان باهه جو ڪڙو چڙهي ويو هو ان وقت ڄام سلطان واپس پهتو ته نوڪرن سڄي ڳالهه چئي ٻڌايائونس ڄام سلطان کي خبر هئي ته ختنگ پيڙهي در پيڙهيءَ جا شاعر آهن جيڪي پاراتن جا ڏور نه ڏيندا آهن پر ڪنهن جي ايذائڻ ۽ ناانصافي ڪرڻ تي جلاليت ۾

اڇي ڪو اهڙو ڏور ڏئي واپس ڪندا تہ پاڻ ساهہ جو صدقو ڏئي دنيا مان رخصت ٿيندا آهن. جنهن تي ڄام سلطان چيو تہ توهان قرآن شريف ۽ هڪ ديڳ چانور ۽ هڪ ڇيلو ڪاهي اُتي تي ختنگ فقير جي پوڙهان وڃو ۽ جتي ملي اتي قرآن پاڪ جو واسطو ڏئي ڏور واپس ڪرائجو تہ باهہ وسامي ويندي پر ختنگ فقير دم ڏٺي حوالي ڪري تہ اوهان اتي ئي ڪفن دفن ڪري واپس اڇجو درباري نوڪر چاڪر ان تي نڪري پيا جيڪي ختنگ کي ٻُهارن جي ويجهو پهتا ۽ ختنگ فقير کي قرآن پاڪ جو واسطو ڏئي ڏنل ڏور واپس ڪرائڻ جو چيو جنهن تي ختنگ فقير پاڪ ڪلام کي چمي الله جي رضا تي راضي ٿي ڏور واپس ورتائين تہ:

وس مـــاني نـــانگلي، وس گجـــرن جـــا گـــزران
وس ســـارا ســـاڪرا، وس ســـارڙا ســـلطان
ڄيـرو لهنئـي ڄـام، وڃـي وســن ڪـپ ڪلـري جـا

ختنگ فقير ڏور واپس ڏئي دنگ ڪيو تہ ڄام سلطان جي ڪلري کي لڳل باهہ مٿان هلڪي برسات پوڻ شروع ٿي جنهن سان باهہ وسامي وئي جيئن ئي ختنگ فقير قرآن پاڪ واپس ڪري ڪرڙ جي ننڍڙي وڻ سامهون پيشاب ڪرڻ لاءِ ويو تہ اتي ڪرڙ ۾ وينل تخت نانگ ڪيس پير ۾ چڪ هڻي ڏنگي وڌو هو ۽ پاڻ ڪلمون پڙهي الله کي پيارو ٿي ويو جنهن تي نوڪرن ڄام سلطان جي هدايت تي ڪوهہ ڪٺي ختنگ فقير کي غسل ۽ ڪفن ڏئي اُتي ٻُهارن جي ويجهو دفن ڪري واپس موٽيا ۽ ڪجهہ عرصي کان پوءِ ڄام سلطان ختنگ فقير جي آرامگاهہ کي پڪو ڪرايو. جيڪا اڄ ”يوسي“ ٻُهارن ۾ ختنگ فقير جي آرامگاهہ موجود آهي.

**امير ”جان“ سفير**
مرڪزي سيڪريٽري
السنگم ادبي سٿ
ٽنڊو محمد خان
6 نومبر 2015ع

# جيون ساگر ڏينهڙا

مٿـــي اُتـــي منهنجـــي، جـــي كـــوڙين هـــئن كپـــار.
تـــہ واري واري وڍيـــــان، سِـــــيءَ كـــــي ســـؤ وار.
تـہ پـڻ تنـد تنـوار، تنهنجـي مٿـائين مڱڻـا. (شـاهہ)

شاعري مون كنهن حسينا جي پيار ۾ دوكو كائي ۽ خوش آمدي قصيده لكي شاعر بڻجڻ جي كوشش نہ كئي آهي پر سنڌ ڌرتيءَ جي سڳنڌ مٽيءَ جي خوشبوءَ ۽ سنڌي سڀاجهڙي ٻوليءَ ۽ سنڌ راڻيءَ جي پوشاكيل سونهن كان متاثر ٿي شاعري ذريعي پنهنجي جذبن جو اظهار كيو آهي. جنهن ۾ منهنجي ذاتي پسند، ناپسند، من اندر جي لوچ پوچ ۽ زندگيءَ جون كجهہ يوگنائون ضرور چٽيل آهن. 8 آگسٽ 1988 تي فاليج دوران دل، دماغ ۽ گڙدن جي مسلسل تكليف جي كري شاعري سان ذهني ۽ روحاني نياءُ نہ كري سگهيو آهيان. زندگي، قوم ۽ دوستن كان شكايت ناهي، چاهتن جو تسلسل مرڻ كان اڳ نہ ختم ٿيندو. مون كي فيمليءَ جو هر فرد ۽ سنڌي ماڻهو پيار كندي عزت جي نگاهہ سان ڏسي ٿو جيكا خوشي آهي. آئون جيون ساگر ڏينهڙا سنڌ لاءِ وقف كري لكندو رهندس. انشاءَ الله تعاليٰ منهنجو 24 سال شاعريءَ جو سفر كافي مشكلاتون ۽ كيترائي مرحلا پار كري هاڻ حقيقي طرح ننڍڙي كتاب ”روپ سُندرتا“ جي شكل ۾ اوهان سڄڻن جي هٿن تائين پهچائڻ جي كوشش كئي آهي جيكا منهنجي خوابن جي تعبير آهي. جيكو سندم پورهيو قبول پوندو. هن پوري سفر ۾ جن اهلِ ادب ياڻڻ وارن جو ساٿ رهيو تن ۾ اعظم يٽي جنهن تمام نثري مواد كي درست كيو ۽ عاشق علي ٻگاهو شاعري كي درست كيو. جنهن لاءِ آئون خاك سار سندن تاحيات احسانمند رهي كين هميشہ دعائن ۾ ياد كندو رهندس.

قابل احترام غلام حسين رنگريز صاحب ڪافي اهم ذميوارين مان وقت ڪڍي منهنجي ڪتاب تي تجويزون ۽ مختصر رايو (مهاڳ) لکيو آهي جيڪا سائين جي مهر نظر مون لاءِ وڏو اعزاز آهي. پاڻ شاعري لاءِ مونکي غزل بحر وزن تي لکڻ جو ڏانءُ ڏسيو هوائين جنهن ڪان پوءِ آئون ڪجھ صنفن تي ڪتاب روپ سندرتا تخليق ڪري سگهيو آهيان. سائين جا وڏا وڙ. منهنجو ننيڙو ڀاءُ امير ”جان“ مگڻهار جيڪو منهنجو ادبي دوست ۽ سنو ساٿي رهيو آهي، جنهن منهنجي سموري ادبي پورهئي کي سهيڙيو آهي، جيڪو اڄ ڪتاب ”روپ سندرتا“ جي شڪل ۾ موجود آهي، امير ”جان“ السنگم ادبي سٿ ٽنڊو محمد خان قائم ڪرڻ ۾ منهنجو ساٿ ڏنو ۽ ڪجھ ادبي پروگرام پڻ ڪرايا ۽ ذات تي تحقيقي رايو لکي پنهنجو قومي فرض پورو ڪيو آهي، محترم عاشق علي ڳاهوجنهن منهنجي شاعري تي چند لفظ لکي منهنجي حوصلا افزائي ڪندي شاعريءَ ۾ ڪجھ اوڻاين جو احساس ڏياريو جيڪا سندن سچائيءَ ۽ سٺائي آهي، آئون عاشق علي ڳاهو جو ٿورائتو آهيان.

محترم اعظم ڀٽي منهنجي ننيڙي ۽ ٿورڙي ڪتاب ”روپ سُندرتا“ تي تفصيلي ۽ تحقيقي رايو (روشنيءَ جي سفر ڏانهن پهرين وک) جڻ مهاڳ لکي منهنجي تخليقي ڪاوشن کي ساراهيندي تمام گهڻو شانائتو بڻايو آهي، اعظم بنا ڪنهن ساڙ حسد ۽ فرق جي مون جهڙي ذات، شڪل ۽ تخليق جي غريب کي اهميت ڏيندي جيڪو مان بخشو آهي سا اعظم ڀٽيءَ جي سچائي، انسان پرستي ۽ مخلصي آهي، اعظم پاڻ اهِل ادب هئڻ، قومي جذبور ڪندڙ ۽ پنهنجي عمل ۾ سچو رهڻ جيڪو سندن شخصيت مان ثابت آهي، آئون سائين اعظم جو نهايت احسان مند آهيان ۽ لالڻ سنيو، آڪاش ٽڪڙائي ، عاجز لغاري ۽ اسلم ڀٽي جو پڻ ٿورائتو آهيان جن منهنجي ڪاوش تي پنهنجا پل پريتڙا نڇاورڪيا آهن آئون تمام دوستن، احبابن ۽ پرهندڙن جو مشڪور آهيان

**سومار ”سنگم“ مگڻهار**

باني السنگم ادبي سٿ

ٽنڊو محمد خان

# السنگم ادبي سٿ ٽنڊو محمد خان

**دستوري عمل** Consitituion

تنظيم جو وجود ۾ اچڻ جو سن جمادي الثاني (9) اربع جو ڏينهن 1427 هه جولاءِ 2006 ع

تنظيم جي قائم ٿيڻ جو هنڌ: ضلعو ٽنڊو محمد خان

تنظيم جي مرڪزي آفيس: پيپلز ڪالوني ٽنڊو محمد خان

تنظيم جو متن: هيءَ تنظيم غير سياسي ۽ غير فرقيوارنه ۽ خالص ادبي تنظيم هوندي.

هي تنظيم سماجي ڀلائي جي تنظيمن سان الحاق ڪري سگهندي، جيڪي سماجي ڀلائي تنظيمن جي رجسٽريشن ۽ ڪنٽرول آرڊيننس 1961ع تحت رجسٽرڊ ٿيل هجن.

تنظيم جو مقصد: ماڻهن ۾ تعليمي ۽ ادبي شعور پيدا ڪرڻ هر ماڻهو کي جاڻ ڏيڻ لاءِ ثقافت ڪلچر ۽ ٻوليءَ تي ليڪچر ڏيڻ ۽ ورڪشاپ ڪرائڻ هوندو تنظيم کي وسيع ڪرڻ لاءِ ڳوٺ شهر هر هڪ تعلقي ضلعي ۽ سڄي سنڌ ۾ ادبي سٿ جون شاخون کولڻ هوندو.

- فقره نمبر 6:ميمبر شپ جي اهليت بابت جاڻ.
- ”الف“ تنظيم جو ميمبر ٿيڻ جي اهليت.

ادبي ذوق رکندڙ ڪوبه شخص هيٺ ڄاڻايل بنيادن تي السنگم ادبي سٿ جو ميمبر ٿي سگهندو. جيڪو 18 سالن جو/جي يا ان کان وڏيڪ عمر جو/جي ادبي سٿ جو هجي تنظيم جو/جي ”علائقي اندر رهندڙ هجي.

- باادب باڪردار ۽ سالم دماغ هجي.

جيڪو تنظيم جي آئين جي پابندي ڪري ۽ مول متا مقصدن ۽ بايولاجي حمايت ڪندو هجي.

جيڪو ماهوار مقرر ڪيل في ڏيڻ قبول ڪري سو ميمبر ٿي سگهندو.

# السنگم ادبي سٿ ٽنڊو محمد خان

## ميمبر شپ فارم

مرڪز__________ شاخ __________

سيريل نمبر__________تاريخ__________

پورو نالو__________ادبي نالو__________

تاريخ

پيدائش__________تعليم__________ڪرت__________

موجوده پتو__________

آئون السنگم ادبي سٿ ٽنڊو محمد خان جي متن ۽ مقصدن سان سهمت آهيان ۽ ان جو/جي ميمبر ٿيا ٿو/ٿي ۽ ان جي مقرر ڪيل ماهوار فيس ادا ڪريان ٿو/ٿي

صحيح ميمبر__________ تصديق ڪئي وئي __________

منظور ڪئي وئي__________ نامنظور ڪئي وئي __________

صحيح مرڪزي صدر __________

صحيح مرڪزي سيڪريٽري __________

# ليک جو تعارف

تعريف صرف خالق جي، ۽ مخلوق جي دنيا ۾ ڪنهن ڪردار جي ڪري سچاٽپ ڪرائبي آهي تيئن تخليقار.

سومار "سنگم" مگڙهار جنهنجو تعلق ختنگ پاڙي جي بزرگ گهراڻي سان آهي پاڻ01 جنوري 1963ع ۾ ڳوٺ الهڏنو "ختنگ" مگڙهار (يوسي لاڪاڻ) ۾ جنم و رتو شروعاتي ديني تعليم مولوي محمد عيسيٰ زئور، مدرسو سيري ۽ مولوي سليمان جتوئي وٽ قرآن پاڪ ناظرا ۽ 6 سيپارا ياد پڙهي پورو ڪيو ۽ سال1982ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪري، 20 آڪٽوبر 1984ع. شاهه مراد شگر ملز ۽ 25 جنوري 1986ع سنڌ آبادگار شوگر ملز ۾ پهرين ليب بواءِ ۽ پوءِ ليب اينالِٽيڪل آفيسر پروموٽ ٿيو.

14 اپريل 1987ع شادي، 16 آگسٽ 1987ع تي مگڙهار قومي يڪجهتي سنڌ جو صدر رهيو.

18 جنوري 1990ع ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي سيڪريٽري محترم غلام حسين رنگريزجي سهڪار سان سنگت شاخ آبادگار قائم ڪري سيڪريٽري، جوائنٽ سيڪريٽري عاجز واحد "گل" لغاري، آڊيٽر وڪيو "وفا" مهيري، خزانچي حبيب الله شاهه،ڪائونسلر دلدار "انجم" چامڙو، ڪميٽي تي "حبدار" بلوچ، لالڻ سنيو طفيل "تبسم" جلالاڻي، محمد علي مهر ۽ شبير احمد لنڊ، محمد حنيف چنا، گل حاجاڻو، عثمان "عاجز" جماري، احمد علي ناهيون، ابراهيم منصور ٻبر، ممتاز علي ملاح، غلام سرور لانگاهه، امير جان، داد محمد سنيو محمد صالح لنڊ، غلام رسول شاهه ميمبر رهيا.

14 آگسٽ 1990ع ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي ڪاروباري ڪميٽي جي اجلاس ڪوٽ بنگلو خيرپور ۾ محترم تاج جويو الحاق سرٽيفڪيٽ ڏيڻ سان گڏ سندس نالي سومار سان ٺهڪندڙ تخلص "سنگم" تجويز ڪيو.

22 نومبر 1991ع ۾ شاخ پاران مشاعرو ڪرايو جنھن جي صدارت محترم غلام حسين رنگريز ڪئي مھمان خاص ڊاڪٽر عزيز ٽالپر، اعزازي مھمان منصور سوراج ۽ سارنگ شاھ ھئا ۽ ڪمپيرنگ ميان مير خان چانڊيو ڪئي، شاخ جي بھتر ڪارڪردگي تي ضلع رابطا سيڪريٽري محترم سارنگ شاھ سومار "سنگم" ڪي ڪارڪردگي سرٽيفڪيٽ ڏنو.

20 مارچ 1993ع ۾ روزانہ ڪاوش ۽ ھنگورا ٽا سنڌ ۾ صحافت ڪئي. 16 جولاءِ 1993ع ۾ سندس پھرين شاعري ھفتيوار سنڌو ۾ ۽ ھيل تائين مختلف ميگزينن، رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپندي رھي آھي.

24 آگسٽ 1999ع ۾ بزم ادب جيلاني سنڌ تي جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو.

سال 2005ع ۾ محمد خان غني ادبي تنظيم ٽڪڙ شاخ ٽنڊو محمد خان جو، 5 سال صدر رھيو جولائي 2006ع ۾ امير جان، عاشق علي ڳاھو جي سھڪار سان السنگم ادبي سٿ ٽنڊو محمد خان قائم ڪري سٿ ۾ باني جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏيندي 2007ع کان سنگت شاخ ٽنڊو محمد خان جو ميمبر آھي.

7 مارچ 2012ع ورڪر يونين (CBA) آبادگار جو اليڪشن ذريعي چونڊيل جنرل سيڪريٽري ۽ 26 مارچ 2013ع ۾ مزدور دوست يونين طرفان ھاءِ ڪورٽ جي حڪم تي ريفرنڊم ۾ ٻيھر يونين جو جنرل سيڪريٽري چونڊجي رھيو. آڪٽوبر 1984ع کان جنوري 2016 تائين 32 سال شوگر انڊسٽري ۾ ملازمت ڪئي "سنگم" جون سياسي ۽ سماجي سرگرميون ۽ ادبي ذوق جو ڦل روپ سندرتا ڪتاب جو تحفو جنھن کي قدر جي نگاھ سان ڏسڻ گھرجي.

**ڪامريڊ اسلم پٽي**
شھر ماتلي
آگسٽ 2015

# حمد باري تعاليٰ

لَا اِلٰــهَ اِللّٰهَ جــو، ســڀ كــان افضــل ذكــر آ،
محمـــد رســـول الله اســـلام جـــو فكـــر آ.

ايمـان جـو رڪـن، ڪلمـون آهـي پهريـون،
ســوا ديــن جــي دنيــا، ســارو ســڀ ڪفــر آ.

توريــت انجيــل جــن، وســاريو قــرآن ڪــي،
قيامــت جــي نــه، تــن ڪــي ڪــائي خبــر آ.

محــل هِــت خيــالي اڏڻ ســڀ ڇــڏي ڏيــو،
اصــل جــاءِ انســان جــي، ڌرتــي لهــد قبــر آ.

ڪري جـو رَبِّ نَغۡفِرۡلَنَا، سـو جنـت گهـري پـل،
نمــازون جهـــن وٽ، صـــلواةُ ثمـــر آ.

يٰاَيّهَا الّـذين اٰمنُـوۡ اَطِيۡعُـو ٱللهَ وَاطِيۡعُوٱلرَسُـولَ،
آســان ٿينــدي منــزل، محبــوب هــم ســفر آ.

ســيد تــي صــلواةُ "ســنگم" پڙهــه ســدائين،
اللّٰهُــمّ صَــلِيّ اَللهُ جــو، زبــان تــي ذكــر آ.

# حمد باري تعاليٰ

رات آئـــي قـــدر جــاڳي گهـــرو،
دعـــاءِ مغفـــرت جـــي، داڳـــي گهـــرو.

ســـڏي مخلـــوق کـــي، خـــالق ســـدان،
اچـــي والـــيءَ وٽـــان، واڳـــي گهـــرو.

گهـــرڻ تـــي رب ٿئـــي، ٿـــو خـــوش گهڻـــو،
کڻـــي هٿـــڙا ســـيئي، لاڳـــي گهـــرو.

تـــلاوت قـــرآن، نفلُـــون ذِڪـــر،
غـــزل نعتـــون چئـــي، راڳـــي گهـــرو.

ملـــن جنتـــو ڏٺـــي، جـــنهن دراڳيـــان،
بخـــت وارا اُٿـــي، پـــاڳي گهـــرو.

عـــرش حـــورون مـــلا، ئـــڪ پُـــڙ گهـــرن،
ڏيـــڻ وارو الله، ســـاڳي گهـــرو.

وســـن رحمتـــون ”ســـنگم“، بـــارش ربـــي،
ســـجدن ۾ ســـر رکـــي، مـــاڳي گهـــرو.

# حمد باري تعاليٰ

عــرش جهــرڪن رات، تــارن جـا ســنگم
فـــرش تـــي ايمـــان، وارن جـــا ســـنگم

روز افطـــارين جـــا، دســـتر ٿـــا ســـجن،
رمضـــــان ۾ روزي، دارن جـــا ســـنگم.

ٺُراويـــون وِتـــر، پـــڙهن تصـــبي ســـنت،
ويـــن مســـجد وڏا، ٻـــارن جـــا ســـنگم.

ڪـــري نيعـــت سُـــتا، تهجـــد جـــي وري،
وڳـــا ســـهري لاءِ، ســـارن جـــا ســـنگم.

گهُـــرن بخشـــش فجـــر، جـــو ٿـــا هـــٿ ڪٽـــي،
ٻُڪـــن جهليـــل اوچ، گـــارن جـــا ســـنگم.

ســـوارڻ آخـــرت ڪـــي، ٿـــا ســـب گهـــرن،
رات جـــا ڳـــي گُنهـــه، گـــارن جـــا ســـنگم.

امـــن ســـان شـــل عيـــد، چنـــڊ عـــالم ڏســـي،
ٿـــين مـــلا وري، يـــارن جـــا ”ســـنگم“.

# نعتِ رسول مقبول *

مرسل مدينـي جـو منـا، ديـوار درشـن ٿـو گهـران.
حاضري در حضـور* جـي، هاجـت هجـتن ٿـو گهـران ،

غافـل گهـري پيـو تـو کنـا، بخـش گنـاهن جـي وري.
در تنهنجـي دلبـر اڳيـان، سـيس سـجدن ٿـو گهـران

ورد وحـدت جـو زبـان تـي، ذکـر ذُوالجـلال تـون،
لکـين صـلواةُ سـيد مٿـي، نفـل تهجـدن ٿـو گهـران

راهـ سـولي رازق وٺـاءِ، راضـي جـنهن ۾ رهبـر تـون،
اوجهل ۾ اُلجهل عاجز آئون، قـادر کـرمن ٿـو گهـران.

ڏينهن لڳي هِت سال ٿو سؤ سال زندگي ڇا کندي،
جو پل گذرن تنهنجي قدمن، سوئي پل کن ٿـو گهـران.

سـبز گُنبـذ جـو طـواف، کـر "سـنگم" کـي نصـيب،
اَللّٰهُمَّ لَبَّيۡکَ لَا شَرِيۡکَ لَکَ لَبَّيۡکَ وردن ٿو گهران.

# نعتِ رسول مقبول *

احمد منور جمندي ئي، نہ ڄام ٿئي ها،
نازل رسول الله * تي، نہ ڪلام ٿئي ها
.
ٿئي مشڪل دين انسان لاءِ جيڪر،
اسلام جو نالو محمد *، نہ عام ٿئي ها.

حسين عالي مڪان، پنهنجي امت جي خاطر،
شهيدِ ڪربلا ئين، نہ امام ٿئي ها.

عيسيٰ، موسيٰ، ۽ قيد ابراهيم خليل،
يوسف بن يعقوب، نہ غلام ٿئي ها.

فاطمہ، عائشہ، مريم، ۽ حليمان کي،
صِدْرَةَ الْمُنْتَهيٰ ڪڏهن، نہ انعام ٿئي ها.

بلال نہ ڏي بانگ ميمبر تي چڙهي جي،
ايري سج "سنگم"، صبح نہ شام ٿئي ها.

# شانِ امام حُسين ع

تاريخ خُد ڏنو پئي، منظر حسين جو،
يزيد جي ڪنو پئي، اڪبر حسين جو.

ڪربل سندو قهر، قاتبن لکيو رت سان،
سڏڪي ڏنو جتي ساهه، اصغر حسين جو.

افسوس بي ردا، رڻ ۾ سيدياڻيون،
ڪوفي ۾ قيد هيو لشڪر حسين جو.

ملعون جي آڻ مڃي ارڏو حسين ڪيئن،
رسول الله * هو، نبي مظهر حسين جو.

نَصۡرُمِّنَ اللهِ ذِكۡرُوۡ فَتۡحُنَ قريب جنهن،
ناهي جهان ۾ ڪو، پيو همسر حسين جو.

اِناالِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ ربي بس،
ٻڌيو آ، جنت ”سنگم“ ڪوثر حسين جو.

# گيت

وڻا ساانوڻ وري مينهڙا، وطن سرها ٿيا وانگي،
ڪڙي گلڙن ڪيا گلشن، سڪن سرها ٿيا سانگي.

ٻُلر لُوڙڪ ڇڇن وليون، ڦُٽا گاهن پٽن ٻاڪون،
منگها ڳاگيون ڇڳن گولون، پڪا ڏينا ڏنگن شاخون،
وندي ورچي ڏين سپ ڪي، سڄن سرها ٿيا سانگي.

بهارن رنگ پري پيلا، سُڳند ڌرتي سنواري آ،
وٽن ڪوئل ڪري ڪوڪون، لڳي تاڙن تنواري آ،
چڙن چالا رچڻ پڻ چمن، سرها ٿيا چانگي.

پپر پينگهون ٻڌي جهولا، لڏن لي هار لامن جي،
مٺن ٻوڪون ٻڌل چنڙي، ”سنگم“ سينگار مارن جي ،
هلي باغن گهمن جوڙا جهڳن، سرها ٿيا جهانگي

# گيت

منهنجي پل نہ سري توري،
من اوري آ، من اوري.

کلھہ آشا، لڙي شامون،
گل ورکيا، هئا تومون،
رکي چپ ٻگلن، هوري.

دک درد، پري دلڙي،
سوا تو سڄڻ، جندڙي،
اکيون گهٽ ڏسن، گهوري.

ٻوڙها واتون، کري تا وهن،
ٻگل لارون، سهڻا توين،
توکي ڏينهن لڳا، چوري.

”سنگم“ ساري، فتو سکڙو،
ماندو من پرين، ٿيو منهڙو،
ڏاڍا ڏک وينس، ڏوري،
من اوري آ، من اوري.

# وائي

مينهن وسڪارن ۾
پرجي پيا هن چن.
موتي آ تون من.

وڻن گهٽا هوائن ۾
ڇٽجي پيا هت پن.
موتي آ تون من.

بوندون بهارن ۾
ڪڙجي پيا هت چمن.
موتي آ تون من.

جوڙا سپ باغن ۾
گڏجي پيا جو گهمن.
موتي آ تون من.

”سنگم“ اج وڇوڙن ۾
لڙجي پيا لڙڪن.
موتي آ تون من.

# وائي

ڪومـــل جـــذبا، مـــاري نـــاري،
گنگھـــر ڏينھـــڙا، گھـــاري نـــاري.

ليـڪ لڪـين جـا، سـمجھي ويٺـي،
ٻـُٽـــين جـــوڀن، ٻـــاري نـــاري.

مرڪ لـبن تـان، ڪسيل جنھن ڪـان،
لـڙڪن لڙيـون، پئـي هـاري نـاري.

ڏور وڇـــوڙا، ڏاج مليـــو جـــنھن،
ڏســـڪيو انـــدر، ڏاري نـــاري.

ڪانگـل ٻـارا، ”سـنگم“ پچـارون،
ســانگي پنھنجــا، ســاري نــاري.

# وائي

لفظ تو جي چيا پيڻ، وسرن نٿا،
سخت ڪاوڙ سخي ويڻ، وسرن نٿا.

زخم تازا اجان روح، تڙپي پيو،
ذرب دلي تي لڳل ڏيڻ، وسرن نٿا.

چڻگ نفرت ٻري بيڙ، ٻڙڪي اُٿي،
ڏنپ ڳريل بتي ميڻ، وسرن نٿا.

وجان پاڙو چڏي ڪٿي، پيءُ جو هلي،
رات جاڳي رنان نيڻ، وسرن نٿا.

رڻن جهاڳي ”سنگم“ پير فتجي پيا،
لوڏ لولي ڏنل سيڻ، وسرن نٿا.

# وائي

ٺـــر ٺـــاري ليـــون، سُـــندر نـــاريون،
وطـــن ڇـــڏيو هـــو، وجـــن ويچـــاريون.

ڏيهـــ ڏُلـــي پيـــو بـــک بيمـــاريون،
وطـــن ڇـــڏيو هـــو، وجـــن ويچـــاريون.

ڦـــوت ڪـــارڻ، ڪونجـــون قطـــاريون،
وطـــن ڇـــڏيو هـــو، وجـــن ويچـــاريو.

راهـــن رتـــڙا، روئنـــدي ســـاريون،
وطـــن ڇـــڏيو هـــو، وجـــن ويچـــاريون.

ســـرتي ڏکـــن جـــون، ”ســـنگم“ کـــاريون،
وطـــن ڇـــڏيو هـــو، وجـــن ويچـــاريون.

# غزل

وسارڻ سڀ ڪپن ويڇا، عزازت جي ضرورت آ،
اسان جي قوم کي ايثار ۽ اُلفت جي ضرورت آ.

جبل ٻيلا ۽ پٽون واري بچاءُ، تن جو ڪرڻ گھرجي،
بچائڻ سنڌ وطن ٻولي، حفاظت جي ضرورت آ.

ڦُٽن ڌرتي مٿي باغن، سنڌوءَ پاڻي مٿن ميون،
چنڻ ٻوٽن سندا گلڙا، اجازت جي ضرورت آ.

ڏکويل سنڌ گھري جيجل، امن جون ٿي دعائون هِت،
ختنگ پارا هجن حاتم، شفاعت جي ضرورت آ.

گھٽو فيشن لَبن لالي، ڪري نخرا هلي ناري،
سهاڳڻ سنڌ سُگھڙ راڻي، مهارت جي ضرورت آ.

ٻرون نانگن هجن نيتون ونگڻ، پنهنجن ڏنگڻ پنهنجن،
ڪُپر پيرن چپڻ گُھرجن، ڪرامت جي ضرورت آ.

ڪٽو حق جا علم غازي، هلو اڳتي وڌو اڳتي،
علم دارن علي مولا، امامت جي ضرورت آ.

ايازن سان اچو گڏجي، سُرن تارون وڄهون ڇيڙي،
سچل وايون ”سنگم“ ڀڳتون، لطيفت جي ضرورت آ.

# غزل

روپ سُندرتا رنگ، سارا اجرڪ،
آسمان تي جهرڪن، تارا اجرڪ.

سُڳنڌ مڪڙين جهڙي، ڌرتي سنڌ،
سون ڪنارا سا، ڏارا اجرڪ.

ويس اڏورا چِٽ، سنڌين سارا،
جي نہ پهرين تہ پارا اجرڪ.

ڪراڙي چنڙي، پهري ناري،
سُنبل لڳي سا گُل، زارا اجرڪ.

اڇو تہ ڳڻجي، ايڪتا ملهايون،
مٿي ڪان مڪلي، وارا اجرڪ.

مندر بچايون، مسجدون مُسلم،
پيلا ري ڪتابن، وارا اجرڪ.

اڳواڻ علي ءَ سان، ڳڻجي هٽبا،
”سنگم“ حقن جا سپ، نعرا اجرڪ.

# غزل

ڀتا خوري وتڻ زوري سنڌي، ڦٽجن هندو سنڌ جا،
جهلي تن جا چڱا ٽاٽن ڀڏي، ڪُٽجن هندو سنڌ جا.

ڪٺي ناري رات ساري ڪيو، ويڏن وڏيرن هو،
وڳو جهيرون جسم چڪ چڪ لڄن، لُٽجن هندو سنڌ جا

اڳڻ ويهي ٽلي خوشيون ڪيون، ٻچڙن اسان گڏجي،
سِلو ٽِن ڪي ملي نفرت هُجت گهٽجن هندو سنڌ جا.

هلالي پُٽ لڄا داري امڙ، سنڌ جون سچون ڏيئرون،
رسم اسلام جي بدلي سڄڻ، سَٽجن هندو سنڌ جا.

اقليت قوم ويچاري ڪري، ڇا ڏاڍ جي اڳيان،
جتي حاڪم هجن جابر زبان، پَٽجن هندو سنڌ جا.

عقل ويرو وتايو سچ هجي، ٽر جو روپ لوجي،
ڪکن لتجي نه واٽيا لغڙ، جهٽجن هندو سنڌ جا.

ڇڏي سنڌ کي وڃڻ ويلي رنون، بُزرگ هيو ڀڳتن،
مهاجر لوڌ جي بدلي "سنگم"، مٽجن هندو سنڌ جا.

# غزل

نـــازور نـــازوادا، نـــورِ نظـــر آهـــي ڪٿـــي،
چنــڊ تــارن ڪــان پُڇــيم، قلــبُ و قمــر آهــي ڪٿــي.

رات پنهنجا پـر پکيـڙي، اوجهـل ڪيـو مـون ڪـان پـرين،
گُگهـہ انــڌيرا متجـي وجــن، ٽيـنــدو ســحر آهــي ڪٿــي.

ڏس پــلا مـــون ڪـــي صـــبا، دلبـــر ويـــو ڪهـــڙي طـــرف،
مڪلي منڇر ڪشمور ڪينجهر، سو شهر آهي ڪٿي.

جهنگ جبل ڳولي ٿڪس، هيڪل ڪٿي سڀ دڳ ويا،
زنـدگي آهـي سـفر پـر، هـم سـفر آهـي ڪٿـي.

پپـر چـائن هيـر هـوائن، آج هنـدورا چـا ڪنـدا،
گـل سـنبل سـارا مگـر، منهنجـو ثمـر آهـي ڪٿـي.

زلفــن هڳــاءُ رخســار چــس، لــبن مئــي پيــو مــزو،
شَـرَابً طَهُـوۡرہ جـي گلاسـن ۾، اهـڙو اثـر آهـي ڪٿـي.

رڻ حيـاتي هـاڻ "سـنگم"، ويـران پٿـون واري بڻيـو،
ٿـر اڳـڻ تـي شـل وسـي، ڪـارو ڪڪـر آهـي ڪٿـي.

# غزل

سبب ڪھڙي سجڻ سائين، وسارڻ ٿو چڱو سمجهين،
گذاري گڏ عمر ساري، ڏڪارڻ ٿو چڱو سمجهين.

لڳي ڪنهن جي چوڻ جو زنگ، ڪٿي تنهنجي ويو دل ڪي،
مٿي منهڙو منا منور، ڏڪارڻ ٿو چڱو سمجهين.

جيئڻ تو بن پلا ڪھڙو، مرڻ سانول ٿيو هاٽي،
رسي مون ڪان رهي هيڪل، گذارڻ ٿو چڱو سمجهين.

ڪنگڻ ٻانهن، بلڪل وارن، ٽٽي پيئڙا ڪندي خينچل،
رسي پرچڻ لڪي چرڪڻ، نهارڻ ٿو چڱو سمجهو.

ڇڄي واڳون ساھ جون جي، ٽيڻ ڏرتي دفن پوندو،
رنگي تن تي لٽا گل ڦل، اجارڻ ٿو چڱو سمجهين.

وجهي چو دنگ وڏا وينين، ڪرڻ تڪبُر ڪفر آهي،
ڪري ڪاوڙ ڪڙو ٻولي، اٿارڻ ٿو چڱو سمجهين.

جدا جيون سندا ڏينهڙا، ڪٽڻ مشڪل "سنگم" ٿيندا،
ٽٽل رڻ جو سفر سڏڪا، رئارڻ ٿو چڱو سمجهين.

# غزل

سنڌوءَ جي ڪناري، ملڻ يار اچجان،
ملڻ عيد سهڻا، سڄڻ يار اچجان.

اجرڪي رنگن تي، وڳو نئون پهري،
وٺڻ گل ۽ تحفا، ڏيڻ يار اچجان.

هلي ٻيٽ درياءَ، ڏسون مست لهرون،
کُلي راز دل جا، چوڻ يار اچجان.

سمن جي زيارت، ڪجي لاڙ گڏجي،
يڪتائي تنبورا، ٻُڌڻ يار اچجان.

اچان سُرن مرڪون، وکيريان پيو هِت،
ڏئي ٿهڪ مون سان، کلڻ يار اچجان.

سفر رڻ اڪيلي، تشنگي لڳي آ،
لبن جا جام ساقي، ڏيڻ يار اچجان.

هلي اچ مندر ڪجي پيار پرڙو،
سدان ٿي "سنگم" جو رهڻ يار اچجان.

# غزل

سوچن جي پهر، ڪا لات پئي جاڳيءَ،
ڪاغذ تي قلم سان، ذات پئي جاڳيءَ.

چئيم ديوار تي، تصويرون رنگ سان،
تنهنجون هر طرف اڄ رات پئي جاڳيءَ.

آغاز هر صبح سان ناءُ زبان تنهنجو،
سينگار اُتي ڳايم، نعت پئي جاڳيءَ.

گيتن مون وري، اڄ ڪيو روح تازو،
راڳيءَ جي سرن، ورڪات پئي جاڳيءَ.

لکيو مون نثر تي، نيل گگن چوندي،
لفظن جي اُتي، شروعات پئي جاڳيءَ.

شاعر جو لکي سو غزل شرڪ سڏجي،
فتويٰ سا ڏيڻ هر، ذات پئي جاڳيءَ.

جيون جا "سنگم"، اڄ پڪا يار ٻڌجن،
نفرت جي متان، جزبات پئي جاڳيءَ.

# غزل

وڻ وڻ ڪر تيون، وڙئڻ تو سمجهان،
چنچل تنهنجو چڙئڻ تو سمجهان.

سرهين گل پيلا، تپي سج تامون،
سُنبل گل سهڻا، ڪڙئڻ تو سمجهان.

منهنجي اکين جا، تارا ءِ نور پي تون،
سوا تنهنجي زندگي، سڙئڻ تو سمجهان.

منهنجي روح جي غذا، درشن آ تنهنجو
توکي چند تي چوڏس، چڙئڻ تو سمجهان.

منهنجو جسم جلاءِ، ڪري رک چڏ تون،
تنهنجي ئي تہ لڙڪن، ۾ لڙئڻ تو سمجهان.

منهنجي خاڪ جي اڏار، جو واچوڙو ڏس،
بلند تي عشق پنهنجو چڙئڻ تو سمجهان.

وفا جا چراغ ”سنگم“، تي روشن جي پون،
شمع جي لبن تي تي پتنگ، سڙئڻ تو سمجهان.

# غزل

نرگس ڏسي اسان کي، حيران سڀ ٿيا جي،
گلزار گل پرين مون، ساڻ گڏ هيا جي.

نوڙت نياز نيڻن، نرمل هيو گهڻو جو،
ڪڪر ڇاءُ ڪومل، ڀيھندا رهيا جي.

مکڙين چميا ٿي هٿڙا، سانول پير پٽڙن،
وڻ جهڪيا ٿي جهولون، نظر جنهين پيا جي.

پوپٽ رنگ ڦهريل، سڄڻ کي هئا سڀ،
چوڙيل وار وينگس، ورندا ويا جي.

ٻاٻيحل ٻول ٻاتا، ٻوليا ٿي مٺا هُن،
ها ڪار هاها هر هر، مون ٻي ڪيا جي.

چپ ڳلن جي چڻ، پڻ پورل پٽڪا پڻ پڻ،
کولي راز دل جا، دلدار سڀ چيا جي.

جهڪيل جهول چنڊ هو ٻکن آسمان،
سهڻل هنجهه ۾ ”سنگم“ سمهندا رهيا جي.

# غزل

هلنـــدي راهــون، گــس کٽـــي پيـــا،
جيـــون ســـارا، وس کٽـــي پيـــا.

سـج سـڪڙن جـو، سـپران ڪـين،
چـوڏس راتيـون، چـس کٽـي پيـا.

جهـور ڪـراڙا، هـٿ هٽـان پيـو،
ڏيـــئڙ وارا، جـــس کٽـــي پيـــا.

سڏکن ڳڙکون، ٿوهـ ڪڙو ڇڙ،
مـــاکيءَ لارون، رس کٽـــي پيـــا.

فيضـي ڪامل، ڪين مليا ڪٿ
ڏاڳـــا فيٽـــا، ڏس کٽـــي پيـــا.

پـاپي جيڪـي پوڄـا مـون سـي
منڪـر مـاٺهو مـس کٽـي پيـا

ساهـ تـہ ”سنگم“، هڏڪيون باقي
پڇـــڙ وارا، بـــس کٽـــي پيـــا

# غزل

ساجهر سويلو، سارا گڏجي،
پرهه چنڊ، ۽ تارا گڏجي.

ڪائين صبح جو مکڻ ماني،
کير ميهو ڏارا گڏجي.

اسڪول وڃن، پيا دل سڀ،
ڳورا ڀورا، ڪارا گڏجي.

وانجهي ٽاپون، راند ڪڏن،
ملهه چڪين، سندرا گڏجي.

ڪلندا ڪڏندا، خوش رهن ٿا،
گهر گهر گلڙا، پيارا گڏجي.

ڌرتي امن جو جهول ٻڻائين،
مٺڙا محبت، وارا گڏجي.

پريت ٻارن کان سکو وڏڙا،
ڳنڍين ”سنگم“ سارا گڏجي.

# غزل

تـــرو چـــوري نـــہ آکـــڙو بنـــد ٿينـــدو،
ونـــڙ رشـــوت نـــہ کـــاتڙو بنـــد ٿينـــدو.

جهلـــي پـــوليس تـــي ننـــڍا، جـــي چـــورا،
ســـوا ســـهڻن نـــہ لاکـــڙو بنـــد ٿينـــدو.

زنـــان زوري اجـــان جـــنس، خـــوري چـــو،
ٻُجـــر کـــدڙن نـــہ خاصـــڙو بنـــدو ٿينـــدو.

لڳـــل هرکـــو ٽارگيـــٽ، تـــي مـــاڻهو
ڏمـــاکو بـــم نـــہ فـــاتڙو بنـــد ٿينـــدو.

ٿيـــا ايـــوان واپـــار جـــي منـــدڙي،
لڳـــڙ ٻـــولي نـــہ واکـــڙو بنـــدو ٿينـــدو.

کراچـــي لُـــر لُٽـــي ويـــا، گهـــوڙا ڙي،
ٽُتـــل ســـنڌ جـــو نـــہ تـــاکڙو بنـــد ٿينـــدو.

چـــوڙ ســـچ تـــي "ســـنگم" لڳـــي، تـــي کـــاوڙ
کـــرڙ کـــڙ کـــڙ نـــہ کـــاکڙو بنـــد ٿينـــدو.

# غزل

وجهي هٿڙا ٻئي ڪيسن، سڪا گولي،
پرس پيءُ جون پيو ذر ذر زپون ڪولي.

اڇن هٿ نوٽ سي ڦاڙي، چڏڻ سارا،
ڪري ٽڪڙا وڃي گلين، پيو رولي.

گٽر نالي گنديءَ مان، جي ليي چيزون،
ڪٽي ساگر مٿي ٿائون، وجهو گهولي.

مرض موزي لڳن اڇهڙا، غلازت مان،
گرف تن جي ڪري زندگي، زهر رولي.

نظر ڪرڙي رکڻ والد، اچان گهرجي،
چون ٻارن چٽو تاڙي، پکيءَ ٻولي.

علم لازم هنر سنڙو سکو نند پُڻ،
رهن ساٿي سچا هر پل، عمر تولي،

انگل چورن جيان چوٽا ”سنگم“ ڪريو،
نهو هاٺي نٿا بلڪل يڪي چولي.

# غزل

وڻ رشوت سندي عادت، ڇڏڻ سکيو هنن ناهي،
ڦرڻ هيڻن وٽان ڏوڪڙ، رهڻ سکيو هنن ناهي.

وجهي وردي وڃي گهر گهر، لٽاڙين ننگ سانگين جا،
ڏئي دڙڪا دسڻ ڄاڻن، ڏسڻ سکيو هنن ناهي.

جهلي رستن چڱا ماڻهو، ٻهارين سڀ قطارن سان،
پيل لاشا هجن گاڏيءَ، پڇڻ سکيو هنن ناهي.

هجي ڪوئي پيو جيڏو ڪندا تنهن جي ڏوڙ پٽڪي،
ڪري منٿون پلي ڏاڏو، ميڄڻ سکيو هنن ناهي.

ڇوڙ پوتار جي هلندي، ٻڏل ڪي ٿا هٽن گولي،
ٻچي سو ڪيئن سگهندو، گسڻ سکيو هنن ناهي.

نري ناري ڇڏي غيرت، سڃاڻن ڪين ٿا ڪنهن کي،
لڳن پوندا ٽڪون لعنت، ٿهڻ سکيو هنن ناهي.

لکي اهڙن پليتن تي، ”سنگم“ ليکا سندن لاهي،
ڪنان ڪرتوت ڪارن جا. هٽڻ سکيو هنن ناهي.

# غزل

حقن پنهنجن کنا غافل، رهڻ وارا سنڌي ناهن،
چنڻ وارن چچورن کي، چڙهڻ وارا سنڌي ناهن.

هڻڻ ڏاڙا وسيلن تي، سدا غيرن سندي عادت،
تين هيٺن مٿان کاهون، ڏسڻ وارا سنڌي ناهن.

هراسا قوم ساريءَ کي، حرامي ٿا ڪريو چالاءِ،
ڪليشن جيل ٿاڻن کان، ڊڄڻ وارا سنڌي ناهن.

جهڪائڻ سر اڳيان سرڪش، ڏني جيجل نہ لولي جن،
جهڪن احمق اشارن تي، جهڪڻ وارا سنڌي ناهن.

پگهر پورهيت سندي اجرت، ملي ٿي ڪين پوري هت،
قرڻ هارين سندا حقڙا، ڏيڻ وارا سنڌي ناهن.

لڪي ليڪا پليتن جا، چٿو سپ کي ڪرڻ گهر جي،
منافق تن مڪارن کي، سهڻ وارا سنڌي ناهن.

سنڌوءَ ڌرتي اسان جي آ، سنڌوءَ درياب زم زم آ،
سنڌي ٻولي "سنگم" جيجل، چنڻ وارا سنڌي ناهن.

# غزل

ڏنـــدن چٽيـــون ڏيـنـــدڙ نيــاٽيون جرڳــا چـــو،
هــنجن کسـجن جـي گهــر، ڏيـاٽيون جرڳــا چـــو.

کــرڻ مصــلي پرڻـــو، ڏيــڻ ڪتــاب ســان لائــن،
رتـــڙا روئـــن ٽيـــون ســـنڌ ۾، راٽيـــون جرڳــا چـــو.

ڏوڪـــڙ عيـــوض پيـــڻ ڏيـــن اجـــان پـــاڙي ڏس،
پڳـــڙن مـــٿ تـــي وجـــن. وڪـــاٽيون جرڳـــا چـــو.

صليـــبن تـــي ٽنگـــيل، ارمـــان عـــورت جـــا،
زنـــدگيون مفلـــوج تـــن، ايـــاٽيون جرڳـــا چـــو.

اســلام ســيکاري، ســـڀ ســان اخــلاقِ محبــت،
نفرتـــون کـــن ايمـــان پڇـــاٽيون جـــر گـــاچو.

ســاخ ٽانـــدن تـــي، پيـــر اگهـــاڙن پيـر وني پيو،
شــرکي رســمون هــٿ اکــين، ڪــاٽيون جرڳـا چـو.

شـــڪن تـــي مـــاريو مـــاٺهون پوتـــار ســـڏائين عـــادل،
ظلــم جــون "ســنگم" لکجــن کهــاٽيون جرڳــا چـــو.

# غزل

پلــــي پنهنجـــا تيـــر و طبـــر آزمـــايو،
اجـــان قهـــري قاتـــل، ڪُفـــر آزمـــايو.

وســن ســر تــي پٿــرن، وري مـيـنهن ڪيـڏا،
دل زبــان تـــي قـــرآن، جـــو ذڪـــر آزمـــايو.

ڏســـو چيـــري ســـينا، اســـان جـــا غاصـــبو،
ڪـــري ٽڪـــڙا جســـمن، جگـــر آزمـــايو.

جهلــي شــامون جــن کــي، اجهــا جــي ڏناسين،
اُهـــي ســـاڳيا ويـــري، ولهـــر آزمـــايو.

اســـان ذرفـــي احهـــڙا، گهڻـــا آزمايـــا،
اجـــان چـــوٽـــا غيـــرن جـــا، پگهـــر آزمـــايو.

ڦُـــري ڪـــار بـــوٽن چـــڏي، ســـنڌ ســـاجهي،
اجـــان ڏرتـــي دشـــمن، دلـــر آزمـــايو.

”ســنگم“ بــدلا ســاري، وتــو ســپ ســنپاري،
ســـنڌي پنهنجـــا هـــاڻي، اکـــر آزمـــايو.

# غزل

توڪل جو ٻيڙو، تري پيو اچان،
زندگي جو سفر سو، ڪري پيو اچان.

طوفانن سان ٽڪري، اچي وير سامهون،
ڪنارن تي واپس، وري پيو اچان.

ٻگڙن گڏ هنجڙو، چُڳي روز موتي،
سمنڊ ٻيٽ سينون، ڏري پيو اچان.

پٿرن تراشي، ٻڳوليندي پارس ڪي،
ڪاشيءَ تي رنگ هو، ڀري پيو اچان.

ڌرتيءَ جو وارث، ڏڪي غير وريءَ،
سنڌوءَ جي آزادي، گهُري پيو اچان.

چوڏس چنڊ اُڀري، ٿيندو سج روشن،
آسمان تي گولو، فري پيو اچان.

لکجن رت سان ”سنگم“، غزل گيت سنڌ لئہ،
اُميدن جو ڏيئڙو، ٻري پيو اچان.

# غزل

عيد کهڙي ڪري هاري، ڏُکايل سو وري هاٽي،
مري جو پُٽ ويو هُن جو، بُکايل سو وري هاٽيءَ

زال چولو هيو قاتل، چِنل ڪپڙا هيا ٻارن،
وڏيرن جي ظلم جو بس، ستايل سو وري هاٽي.

وڃي مجبور لڏيو تو، ڇڏي جو پڊ پراڻن ڪي،
گهرن ڳولي وڏن ڦوڻو، وڃايل سو وري هاٽي.

ملي حقدار هاريءَ کي حصو هر سال جي پورو،
رهي سرڙيو نہ کو قرضي، پڇايل سو وري هاٽي.

ختم غربت ڪرڻ وارا، ٿين امير پيا تر هو،
چُڪي پاٽي سِڪي تڙپن اُڃايل سو وري هاٽي.

ملڻ انصاف مشڪل، ڏياري سو عمر ناهي،
روح جابر بُخل ڇهرا، ٿرايل سو وري هاٽي.

لڳو آ پورهيتن جو، پٽائي تي ”سنگم“ ميلو،
هڻن نعرا حقن وارا، وڃايل سو وري هاٽي،

# غزل

بنان لالچ ڪري شفقت، شفا هستي اجان جيجل،
چمڙ ٻيرو ٻچن ٻلڙا، اها مستي اجان جيجل.

رکي ٻُکيو پيٽ پنهنجو اول اولاد کي ڏي ٿي،
رضا رب جي رهي راضي،رزق الستي اجان جيجل.

لبن مرڪون ڏئي ٿهڪن، امن، آشا اچي لکندي،
پپر ٻڙ جي ڇپر ڇائون، برن، بستي اجان جيجل.

ٽُڳي رليون پري پرتن، صلي جوڙا ڏئي ڏيرن،
رنگي هٿڙا پٽن ورجا، ڪلي خصتي اجان جيجل.

ڪري ورڪا پئي گلڙن، سڄي سرگس مٿان درتي،
لهي لائون گهرن پُٽڙا، دُعاءِ سستي اجان جيجل.

عزت تي آچ ڪا ايندي ڏسڻ سکيو نہ آ عورت،
رکي ٿي لڄ ڏسو رنڙي، وڏن وستي اجان جيجل.

رنجايو ڇو پيا رهزن، ”سنگم“ مقدس روح سارا،
امڙ موتي نہ سا ايندي، قبر قصتي اجان جيجل.

# غزل

رِدا لاهــي گُهمـــي جــا رن، لڳـــي عطـــڙي،
جُنــڊا جهـــڙا ڪجـيءَ جــا پــن، لڳــي عطـــڙي.

ڏئـي نيـنگن اڳيــان مـــڙدن، هلــي تڪـڙي،
لنگهـــي ســـارا وجـــي لـــيڪن، لڳـــي عطـــڙي.

اُنـــڻ وانگـــر وات ڦـــاڙي، وتـــي رڙنـــدي،
ڏيـــڻ ڦوڪـــون ڏوڙ دوڏن، لڳـــي عطـــڙي.

ڪري ڪالون پئي ڪنهن ڪي، لڪي پيءُ ڪان،
رڪـــي هٿـــڙا ٻئـي ڇَــپ ڪــن، لڳـــي عطـــڙي.

هلـــي پـــارڪ پُســـي بـــارش، وجـــي ڊُڪنـــدي،
ڏســـن جهونـــان جـــوان جـــوين، لڳـــي عطـــڙي.

جســـم تـــاوز رمـــان ڇـــوريءَ، وڻـــي ســـپ ڪـــي،
لُـــڏن ٻُـــڙا ٻُـــيڻ هـــرين، لڳـــي عطـــڙي.

نڪـــا ٻاگهـــل ”ســـنگم“ روپـــا، نـــه ســـنڌ راڻـــي،
هجـي عـورت سُـڪل ڪـڪ پـن، لڳـي عطـڙي.

# غزل

اسين مارو منڙا، نماڻا ٿا سڏجون،
وطن سنڌ جا سمجهو سياڻا ٿا سڏجون.

مٺي ماڪيءَ جهڙي، اسان جي آ ٻولي،
ڪانئرن جي وات ۾، ڪڙاڻا ٿا سڏجون.

گجن گهير سوهن ٿا، چنڙيون مٿن تي،
ڪينجهر جا ماڇي، مُهاڻا ٿا سڏجون.

سنيالي جيجل جي، رکون لڄ پوتي کي،
ننگي سنڌ وارا، نياڻا ٿا سڏجون.

نپايو غيرن کي اسان، هو نيڻن منجهه،
تنهين جي اکين ۾ اياڻا ٿا سڏجون.

رکون ناتا جن سان، نڀايون ٿا تن سان،
سدا پنهنجن ساڻ، ”سنگم“ پراڻا ٿا سڏجون.

# غزل

دهشتگرد قاتل، قهاري نہ گهرجن،
مقتل گهر ۾ مُنڪر، مڪاري نہ گهرجن.

ڦاڙي وات واڳُن، وڏا چڪ ڪٽُن جيئن،
زهري نانگ، ڪارا نيڪاري نہ گهرجن.

لاشن روز ماتم، ڪري سنڌ ٿي جيجل،
مهاجر بنگالي، هتي بهاري نہ گهرجن.

وڪيا سنڌ وسيلا، وڪي ڌرتي ٻولي،
وڏيرا، پير واپاري نہ گهرجن.

ونڻ سنڌ جو نالو ٿئي ڏوهہ قصدن،
حُڪم اهڙا حاڪم، زرداري نہ گهرجن.

نجاتِ "سنگم" سنڌ، لئي هٹو هاڻ نعرا،
لڳل وات تالا، تلهاري نہ گهرجن.

# غزل

ظُلمت جي خلاف نعرو، مُقرر لطيف آهي
مظلومن جو آواز، بهتر لطيف آهي.

ماڳن سنڌ جي مالڪي، ولين جو ست جيڪو،
درتي وارث پٽ ڏٽي، دلبر لطيف آهي.

ناريءَ جي ست سونهن کي، صوبر سڏيو آ جنهن،
پرکي سوئي پار کو، پرور لطيف آهي.

سُر کيڏارو سچ لکي، حسيني سڏجي عالم،
ڪربل جو هو مشاهد، مظهر لطيف آهي.

گرهوڙي، اقبال، احمد، راشد ۽ رنگريز،
دنيا جي شاعرن جو رهبر لطيف آهي.

مُخلص گهرجن ٿا ”سنگم“ سنڌ کي سپوت ليڊر،
قومي ڏس اڳواڻ سو اڪثر لطيف آهي.

# غزل

امڙ ميڙي ٽڪي ٽيليون، ٽري جون اڄ
پٽن وسري ويون گوريون ڀري جون اڄ.

پٽي پوٽا ڪٽي پرڙيون، اڇي ٽي گهر،
پئي سيڪي هٽن لفڙيون، پري جون اڄ.

هيُس چولي لڳل چنڙيون، مٿي مس رئو،
ڏکن سورن سهڻ سختيون، وري جون اڄ.

گهُري پاٽي سُتي پوڙهي، ڪندي سڏڙا،
نڪين داهون ٻُڌن، نوهرون، ذري جون اڄ.

وٽي مُڇيون پچن ڪرسيون، مڙس هوٽل،
ڪري زالون اچن ڪاٺيون، پري جون اڄ.

ندا رت اُن نياڻن، پئي، وسي لعنت،
ٺُڪون تن کي ”سنگم“ لڱڙيون، سري جون اڄ.

# غزل

سُخن کو کو ڏکن، ڦاٽل گهڻا آهن،
سوا سوچن بچا، ماڻهو کٽا آهن.

پرڻ پنهنجو پيٽ، دوزخ ٿيو شڪل،
بصر پاجون نکين، دالون چٽا آهن.

بکايل ٻار ٿو، دوڙي ٻير جيکو،
هر ڪ ڪپڙا وري تنهنجا ڦاٽا آهن.

وٽي ڪپڙا عيد، چانور ڪهڙا غريب،
اجان رهيل قرض پيسا ڏيڻا آهن.

مُهاٽي آڙيون، جهليون نه ڪانهيرا،
لڳل ريچ ڪي رڳو اڄ فاٽا آهن.

رونون هن حال تي ”سنگم“ آهي،
ٿيا جزبات مجرو جهڻ جهٽا آهن.

# غزل

سنڌ وطن جي قوم بهادر،
منهنجي مٺڙي ڌرتي مادر.

اجرڪ وارو جهرڪي پرچم،
آزادي جي پائي چادر.

گيت خوشين جا ڳڌجي ڳايون،
ڏات ڏني جا پاڻ ڪي ڏاتر.

الله اڪبر جو نعرو هڻبو،
ڪوئي نه ايندو سامهون ڪافر.

دودا جو ڏا طاقت اسان جي،
سنڌي سڀ آهيون سپر پاور.

سنڌوءَ خاطر ”سنگم“ سارا،
هڪ ٿي ڪيو يارو صادر.

# غزل

گهٽڪو پڙيون، زهر منو چڻ،
جيڪو سمجهي، پان ستو چڻ.

گونگن وانگي، وات چٻاڙون،
سگريٽ سوٽو، هر دفعو چڻ.

منشي عادت، وجهو چوٽا،
جهنم جنهن، سان وٺو چڻ.

شوگر ڪينسر، ايڊز هن سان،
اوهان تنهن کان، ڏور پڇو چڻ.

رکجان پنهنجي، صحت سنياري،
رهندا نه پوءِ، نوٽ سکو چڻ.

زندگي قيمت، ”سنگم“ سمجهو،
دنيا ساري، هتي، دوکو چڻ.

# غزل

ماٺو بنهين، بيڪار آهيان،
نالي ڪنون، نيڪار آهيان.

فطنت خوري، ڪم سڄو ڏينهن،
ڦيٿاڙو وڏو فيڪار آهيان.

ذات منهنجي، جڙ گار وڏي آ،
لعنتي وڏو ليڪار آهيان.

مجو زال جو امڙ سڏي ٿي،
مڙس ڪڏهن، ڏي ڪار آهيان.

ڪم وارن سان، نہ لڳي پنهنجي،
ٿوٽي هر ڪنهن، جو يار آهيان.

اهڙن پارن، ”سنگم“ سڃاڻن،
خلق سڄي ۾، خوار آهيان.

# غزل

لکڻ ورق ڊائريءَ، تي نہ وس هلي ٿو.
ڪرڻ عشق شاعريءَ، تي نہ وس هلي ٿو.

جسم لباس جا، مڙس اسين ڏُہرا وري،
ملي زال ماهيريءَ، تي نہ وس هلي ٿو.

پئيڻ سان نہ ڪو قرار، روح کي مليو رُڳي،
وڏي تيئن بي قراريءَ، تي نہ وس هلي ٿو.

سڏارڻ بنان تخليقون، ڦاڙي ڏنيون تنهن،
بحر وزن جي ڪاريءَ، تي نہ وس هلي ٿو.

بجا تنقيد جي ڪو لکي، گيت ونجي سنو
عقل هاڻ ڏاهيريءَ، تي نہ وس هلي ٿو.

روپ ماٺيو ٿو ڏسجي، "سنگم" اجرو رُڳي،
ظلم کھر ظاهريءَ، تي نہ وس هلي ٿو.

# غزل

چرڪڻ چڏ تون، ٽِڙ وانگي،
واريءُ جي ڇڻ، ٻِتر وانگي.

وڪرن ڇو رنگ، ٻيا تنهنجا،
ماضيءَ جي ڪنهن، چِتر وانگي.

رسمون ٽوڙي، قيد هل تون،
شيشي اڳيان، پَٿر وانگي.

هاڻي تون پي، ڪل ته ريڪا،
مون سان گڏجي، نَٿر وانگي.

هل پر ڪا، هُن پار هلجي،
چنڊ جي چوڏس، چَڪر وانگي.

جيون سارا، ”سنگم“ جوڙي،
منهنجي ٿي اچ، ثَمر وانگي.

# غزل

نازن ساڻ تنهنجو نهارڻ وڻيو،
زلفن کي تہ مرڪي، سنوارڻ وڻيو.

اکين ڪجل سهڻو لڳو دل منهنجي،
جهولڻ پينگهہ لوڏون، جهونگارڻ وڻيو.

رخسار ڪن چلڙا، ڳچيءَ تر سونهن،
هيرا سون ڦليون، سينگارڻ وڻيو.

ريڪا لبن مرڪون، ماٽيلا پرين،
ميگهار مُند متڙا، ملهارڻ وڻيو.

ٺهڪن جا سڳنڌل، ڪکر جڻ پرجي،
دلدار ايئن دليون، ڏتارڻ وڻيو.

سرهين رنگ پيلا، ڪڙي گل سُنبل،
سهڻا "سنگم"چهرو، ڏيکارڻ وڻيو.

# غزل

ڏيـــن تـــي ٻوڙڻ، هـــاڻ ســـکيو ســـين،
رُڪـــن کـــي مـــوڙڻ، پـــاڻ ســـکيو ســـين.

پيـــر پنهنجـــي تـــي، هٽـــي کُهـــاڙو،
لاهـــ کـــي ڦـــوڙڻ، هـــاٽي ســـکيو ســـين.

کـــوڙجـــي مـــنهن، تـــي ڏڙ آ پـــوٽي،
مِڪـــر کـــي ٽـــوڙڻ، هـــاڻ ســـکيو ســـين.

نظـــر جـــا کـــاري، جهلـــي گـــوتي لا،
سُـــکي تـــي ٻـــوڙڻ، هـــاڻ ســـکيو ســـين.

مُنـــافق جهلبـــا نـــڙيءَ کـــان ســـارا،
نـــانگن نپـــوڙڻ هـــاڻ ســـکيو ســـين.

نفرتـــون ويچـــا، ”ســـنگم“ جـــي اُب تـــڙ،
دلڙيـــون جـــوڙڻ، هـــاڻ ســـکيو ســـين.

# غزل

ڱُگهه ويهاڻي، تنهنجي ڪاڻ،
ٻاٽ انڌيرا، جيون هاڻ.

رات جي هنجهه ۾، آئون هيڪل،
چنڊ ڪڙي پيو تارن ساڻ.

وياڪل من، ويڳاڻو آ،
لڳي تن اندر، تنهنجي تاڻ.

سور حياتي، آسراپا،
جيءُ جلي پيو، جيئري ڄاڻ.

ڏور وساري، وينو هين،
هلي سڄڻ، اڄ جلدي پاڻ.

سري نہ پئي، ”سنگم“ توکان پل،
پري پرين ٿئين، ڇا لا پاڻ.

# غزل

گھمنـــدي ميلـــو يـــار مليـــا ســـين،
يـــاڪر پـــائي، ســـاڻ هليـــا ســـين.

رڃ مـــداري، رانـــد وڏـــي وئـــي،
ٿھڪـــن ڏيئـــي، پـــاڻ کليـــا ســـين.

ڪـــار ڪـــوهي تـــي، ڪرتـــب ڏســـندي،
نـــاري مٺـــان جـــي، نـــوٽ جھليـــا ســـين.

درگاهـــ تبـــرڪ، پيئنـــدي پـــاڻي،
دل جـــا جـــاني، راز ســـليا ســـين.

راڳـــي ســـرڙا، وڪيرينـــدا رهيـــا،
غـــزل وايـــن، روح رليـــا ســـين.

شـــاهـ بخـــاري، تنهنجـــي نگـــري،
”ســـنگم“ اڇـڻ جـــو چئـــي هليـــا ســـين.

# غزل

سانوڻ ونو سنڌ تي پچندي پٿون روپا ڏنم
چاڳلين جون چنڙيون پُسيل چندن سندا چوٽا ڏنم

هارين چڪيا هر پاڻ نارين هٿ ناريون هيون
جهول جهانگين ٻج ڪٽي واريءَ مٿي پوڪا ڏنم

ڇر ڇنون پرجي وهيون ڪٿ گهر ماروئن خالي ڪيا
مينهن جي پاٽي اندر ڪي اڌ ٻڏل جهوپا ڏنم

وسڪارن ۾ وڄ ڪري ڪن ويرن مٿان واڪو ڪري
وڻ ڪريا گسن مٿان ڇڄندي ڇتر ڇوڏا ڏنم

مهراڻ پلٽون موج درياءَ ڪپر ڪڙڪي ڪر ڪٽي
سمنڊ سپون وير چڙهي ڪنڪر مٿي ڪوڏا ڏنم

راڪي ٻڏڻ رامڻ هليون لڇمڻيون ڪي لاڏ مان
مندر اندر مورتيون ”سنگم“ ڪندي پوڄا ڏنم

# غزل

واڪ تــولا ڏنــم، پــرت چــولا ڪٽــي،
وجــي گهــر گهــر ڪــيم، پــرين ڳــولا گهٽــي،

پتــو تنهنجــو ســڄڻ، ڪٿــي نــاهي پيــو،
ڪيــا مــون وس وڏا، ڪئــي ڪــارون هٽــي.

رات جــي ڪــر بــلا، ڪيــئن گُــذري پــلا،
جــوت تنهنجــو نــرم، نــه هــٿ تنهنجــا ڦٽــي.

رهـــان رولاڪ ٿـــو هتـــي، آئـــو وري،
ڪٿــي تــون ٿــي رهــين، هڪــڙي ڄٽــي.

هلــي هــاٽي پــرين، وســايون جهنــگ ٻئــي،
جتــي وٽيــو رڳــو پئــي تــون جــي وٽــي.

ڳوڙهن ٻُڪ ۾ چنڊ، لکي جي ٿو ”سنگم“،
لڪون تئين سج جيان، پاڻ ڪڪرن ڪٽي.

# غزل

ڪاٽن جوڙو پائي ٿوپي، ويٺو جهلي گھرجي ڪُنڊ،
ڪٽ چڙهي ٿو خرچي گهري، مڙس وجهو منهن ۾ گُهنڊ.

لسي ماني لُلر ڄانيو دال، نہ ڪائي ٿو دالو پٽ،
گوشت فرائي گانگٽ ڪيمون، گجرن حلوو گهرجي ڪنڊ.

ٻوڙيا چٽني ٻاهر نڪتو، ٻانهون هٽندي ٻالو ٻس،
ماڻهو ڪنهن کي ڪين ٿو ليکي، ڪنڌ ۾ جنهن کي سوئر ڳنڊ.

ياڙيو گڏجي پڙون سان شهر، گهمي پيو شودو ڏس،
ڪار ٻوٽڙ ڪلها هٽندو راهن، وجهي پيو ويندي رنڊ.

چڱن تڪي نياڻيون لوفر، موبائل ڪڍن تصويرون وٺا،
چوڪ جهليندڙ ماڻهو چوهڙن، ڄُنڊن جهلي ڪڍجي چنڊ.

ضمير ماڻهن جا، گرهہ جي ويا چو "سنگم" آهن،
لڳي ٿي جيئن سج ۾ گرهڻ چنڊ.

# غزل

تنهنجون راهون تڪي، ٿيا ڏينهن مون کي،
مــوٽ هــاڻ ســگهي، آءُ لهــرون لنگهـــي.

نــيڻ نيهــاري ٿڪــا، ٿـــي آ شـــام منـــا،
تــو پئــي ديــر لڳــي، آءُ لهــرون لنگهـــي.

پلـــي روح پـــاڻ، ويهـــان ڪيـــئن هـــاڻ،
نٿـــي دل ڪجـــي، آءُ لهـــرون لنگهـــي.

تنهنجــي ديــد بغيــر، پانيــان عيــد زهــر،
توســان اگـــڙ ســجي، آءُ لهــرون لنگهـــي.

منهنجـا پيـارا صـنم، ڪنـدين يـاد ”سـنگم“،
وڇــوڙا ڇــو پيــو وجهــي، آءُ لهــرون لنگهــي.

# غزل

ڪڏهن تنهنجو اچڻ ٿيندو، اسان جي آشياني تي،
اگر ماهي لڪا مون وٽ، متا مسڪين خاني تي.

ڪرڻ ديدار دلبر تو، عبادت ڪان نہ گهٽ هوندو،
چمي هٿڙا سُنبل سُهڻا، ڪجي درشن بهاني تي.

سجڻ سامهون هُجن ويٺل، مزو محفل تڏهن ڏيندي،
پري جامون ڏين ساقي، پرين پرڪش پيماني تي.

نراسائي لڳي نيڻن، تڪي راهون متا تنهنجون،
لياپائي لٿو سجڻ، ڏسن اکڙيون آسمان تي.

ترن توڪل سندا ٻيڙا، ”سنگم“ پنهنجو سخانون جهل،
بدلجي هِت ويوهر ڪو، ڪجي ڇو ڏُک زماني تي.

# غزل

نظر ڪرڙي زماني جي، بچائي ڪونہ سگھياسين،
لڪائيندي بہ جذبن کي، لڪائي ڪونہ سگھياسين.

ڪلن ٿا دل جلا ماڻهو، ڪبو جهيڙو وڏو تن سان،
نڻايم لوڪ کان ليڪن، نڻائي ڪونہ سگھياسين.

لِڪوتي لِڪ ڪُڏي راديون، عمر ننڊپُڻ گُذاري گڏ،
ٻُڌائڻ يار کي يادون، ٻُڌائي ڪونہ سگھياسين.

سچڻ سان اڄ زُبان کولي، ڪيم اظهار اُلفت جو،
لڳائڻ وات کي تالو لڳائي ڪونہ سگھياسين.

ڪيا فِرڪن رسم ڪُڏين، جُدا رِستا عزازت جا،
ملائڻ ”سنگم“ دلين کي، ملائي ڪونہ سگھياسين.

# غزل

پلنگ هاڻي سُتل چوري، ڏکيڙي پير تي سُڏڪي،
ٻَڪن مان جي اُتي اج پوڙهي، سا دير تي سُڏڪي.

گذارڻ رات مردن کي، ننڊي چوري ننگي گهرجي،
حيا غيرت رهي ناهي، نياڻي ڪير تي سُڏڪي.

وڏا چورن ڪري شادي، وٺي پنج ست ڏين زالون،
رات لائُن رُنا جوڙا، چُنيءَ گڏ چير تي سُڏڪي.

ڄڻي راڻي نه ڏي وارث، خُلا ان کي ملي جهٽ تو،
چڱو چمڙن چوي ڪوئي، عزت تي مير تي سُڏڪي.

رسم ريتن ڳُنو ڪومل، وري معصوم جزبن کي،
”سنگم“ روئي مري ناري، مٿيءَ جو ڍير تي سُڏڪي.

# غزل

سُتل ذهن ننڊ مان سپ اُٿارن ڪپن،
ننڍي قوم جا ضمير اُپارڻ ڪپن.

پئي رات ڪاري گُگهه ٽيندي وچي،
اُجهاميل ڏيئا هاڻ ٻارڻ ڪپن.

ڏئي سال ڏکڙا جي ڊسمبر ويو،
اُهي کهت ڏينهڙا اڄ وسارڻ ڪپن.

ڪٺي شال چوڏس خوشحالي اچي،
ڪري نيهن شامون وچن پارڻ ڪپن.

وهن نيل پرجي سونهن ساوڪ سنڌوءَ،
هلي ڏينهن “سنگم” گڏ گُذارڻ ڪپن.

# غزل

سـهارا سـارا، ڳـولڻ ڇـڏي ڏي،
روئـڻ ۾ پـاڻ کـي، رولـڻ ڇـڏي ڏي.

مـقـدر ۾ وڇـوڙا، جـي آهـن،
آزمـائڻ پـيارا، ڏولـڻ ڇـڏي ڏي.

تعصـبن ۾ تـاقبن جـي، محفـل متـي آ،
رقيـبن سـان راز دل جـا، کـولڻ ڇـڏي ڏي.

جـن ٻـڌيون آهـن، تنهنجـون هـڏکيون،
هـڪ ٻـول ٻـي تـن سـان، ٻـولڻ ڇـڏي ڏي.

پـٽ جي ڏور جـا، ٽٽـي ”سـنگم“ جـي پـون،
ڏورا تـن سـان نـازڪ، ڏولـڻ ڇـڏي ڏي.

# غزل

بنان موڪلاءِ ائين، وڃڻ تو روئا ڙي،
جدا هاٽي جاني، تيڻ تو روئا ڙي.

لبن تي تو آٽي، ڇڏيا لفظ روڪي،
اکڙين ساڻ سانول، چوڻ تو روئا ڙي.

رکي راز دل ۾، سهٽا جي هليو وين،
ويڳا ٽپ سان ويندي، ڏسڻ تو روئا ڙي.

سڄڻ تو سواءِ، زندگي زهر عذدا،
پٿون ٻوڙيادون، ڏنگڻ تو روئا ڙي.

وڇو ڙن جا ”سنگم“، ڪڏهن ڏينهن ڪٽندا،
ڪڏهن ٿيندو گڏجي، رهڻ تو روئا ڙي.

# غزل

ڏسڻ ساڻ دل، بهاري ڪئي،
ڪلي ڳالهه تو، ساري ڪئي.

پرين يادن، تنهنجي اڇي،
اسان جي دل، فگاري ڪئي.

ڏنم توکي، نند، ۾ ٿي صبح وئي،
اکڙين مون اشڪ، باري ڪئي.

ٻري نيڻ ساگر، ٿي رنان،
زور اڳيان مون زاري ڪئي.

سڄڻ اڄ، ”سنگم“ جوڙيون،
پئي اوهان، انڪاري ڪئي.

# غزل

نــہ بنــد رکجــو کــڏهن، در غيــرن وانگـــي،
پـــرين مـــون کـــان پنهنجـــو گهـــر غيـــر وانگـــي.

ڳـــوا هـــي ديـــوارون، هـــن رقيـــب ســـارا،
ڏٺـــو پنهـــنجن تـــي منظـــر غيـــرن وانگـــي.

ڪڪـــي جيڪـــو زهـــري، ان جيـــوت کـــان وڌ،
نفـــرتن جـــو ڪـــاري، هـــر غيـــرن وانگـــي.

رات ســـاري لـــڙڪن، گوتـــا لڙيـــو جـــي،
لڳـــي سُـــڏڪن جـــي ٻـــڏ، تـــي غيـــرن وانگـــي.

رهيـــون يـــادون ”ســـنگم“، بـــس جيـــون ســـاٿي،
ڪيـــئن وســـرن تـــو دل، بـــر غيـــرن وانگـــي.

# غزل

جــاڳي رات اکيــون، هـــاڻي سُـــتيون هِـــن،
مليـــو جـــوٽ جيجـــل، ڄـــاڻي سُـــتيون هِـــن.

لهـــرن ويـــر اُڇلـــون، هنجـــڙو وڏيـــو هـــو،
ٻـــانهن لـــوڏ لـــولي، لاٽـــي سُـــتيون هِـــن.

هتـــڙا چمـــڻ سـائين، رحمتـــون وٺيـــون ٿـــي،
مليـــون پيـــر جنتـــون، مـــاٽي سُـــتيون هِـــن.

مـــاکي، کيـــر، شـــربت، حـــورون ڏنيـــون ڄِـــت،
پيتـــا جـــام ســـاقي، ڇـــاڻي سُـــتيون هِـــن.

امبـــر مُشـــق ســـڏڙا، ممتـــا جـــا منـــڙا،
نـــوري ”ســـنگم“ نظـــرون، تـــاڻي سُـــتيون هِـــن.

# غزل

مِٺا گِلڙا چُمڻ، ڪين وِسرن،
مُرڪ ريڪا ڪِلڻ، ڪين وسرن.

ڪُڏي پيتو ڪير، هيو هنجهه ۾،
لَبن چُسڪيون ڀرڻ، ڪين وسرن.

جلي جيئڙو پيو، اجان جيجل،
امان تنهنجو چوَڻ، ڪين وسرن.

گُلن جي پوشاڪ، ۾ تون لِڪجي،
رُسي مونکان وڃڻ، ڪين وسرن.

ڏِسي تصوير ڪي، روئن اکيون،
”سنگم“ توکي سڏڻ، ڪين وسرن.

# غزل

پرين تون جي ڪرين، موسان چاڳ وري،
ڪُلي اجهڙا پون، منهنجا ڀاڳ وري.

چڙن منڙ ورِڏم، ٽليون شام ٻُڌون،
ڏراڙن ڏڙ ڏِڪا، رون سڏ راڳ وري.

مڪڙ ماڪي ڳڏي، لسيون جام پيون،
عمر ماري ڪوٽ، ڏسجن ماڳ وري.

ڦُلا ڳانڱي پٽي، گُرگالون ڪُنيِون،
هلي ٿر جا چڪون، سرهين ساڳ وري.

اُجان جاڳن اجان، ساڳي مور "سنگم"،
ڪري ڪِيڙون نچن، فيرا لاڳ وري.

# غزل

وار تنهنجا ڳُڏن، ٻُڪڙن چلڙا،
لام جي ٿا لُڏن، ٻيُرن پلڙا.

ٻور جهليو نمن، ڪانهون سر نسرن،
ڪُلي لاٽيءَ ڪڙن، چٻرن گلڙا.

چيچ پهري صنم، هلجان ٻئي،
وٽي سونا ڏنم، توکي چلڙا.

هير ٿڏڙي اُتر، آهي لڳڙي،
شام مون ٿي مٺا، چميا ڳلڙا.

رات پرٿي ”سنگم“ دلبر چڏيو،
بنان بستر گرم، تنهنجا لِڳڙا.

# غزل

ڪُھاڙي ڏانٽا، ٽپرائي ھاري،
ڇدڙيون ٻانٺون، ڪٽرائي ھاري،

ڇيٽ پوکي جي، آ موسم اچڻي،
مسوري ڪٽڪون، ڇٽرائي ھاري.

ڪٽايون پاٽي، ٻج پريندو پيسا،
ڪيڙيون ڪانٽي، ڪيدرائي ھاري.

سِرڙيو سالون، ئين رهندو قرضي،
خرچ ڪھڙا ٻي لکرائي ھاري.

وڏيرو سنڌ جو ھرڪو وياجي،
”سنگم“ سوجند ڪيئن، ڇڏرائي ھاري.

# غزل

ثقافت ڏيهاڙو، سنڌ ملهايون،
ننڍا وڏڙا مردن، گڏجي مايون

جهنڊا بينر نعري، سنڌ نعري سنڌ،
سنڌي وارث سنڌ جا، سارا آهيون.

صحافي هِت شاعر، صوفي فُقرا،
نظم سنڌ جا راڳي، سهرا ڳايون.

ويس سارا دنيا، وارا ڏسندا،
گربيون هي گجڙا، چنڙي ورايون.

”سنگم“ جهومن، جوان جهونا،
وڄن واڄا ڍهل، دس شرنايون.

# نظم

تنهنجو جوڀن ڪورو پن،
منهنجو موهيو مومل من.

گل ڪيڙ ادائون رُوپ سُندرتا،
تون من جي راڻي جڻ ڪويتا،
جهڙ رنگ ويس ۾ سهڻي سيتا،
تنهنجو صنوبر هي سهڻو پن.
منهنجو موهيو مومل من.

چنبيلي مُک تي پياريون مرڪون،
ڳاڙها ڳلڙا ڏُلفن سرڪون،
چوٽ ۾ جهڳتا جڳن لڙڪون،
ڏاڙهن فاخون ڏيول پن.
منهنجو موهيو مومل من.

ساوڻ مينهڙا ڪڪر قطارون،
بوند وسي پئي جُهڙ ملهارون،
پنل ڪپڙا "سنگم" ستارون،
چوهي پيو چاتي چولو تن،
منهنجو موهيو مومل من.

# نظم

منهنجــي دل ســهڻا، تــوڙي ڇــو وجــو پيــا،
مــون کــان محــب منهــڙو مــوڙي ڇــو وجــو پيــا.

لهــي ســج راتيــون، پــون ٽيــون پيــارا،
ســڄي آســمان تــي کــڙن، ٽــا جــي تــارا.
ڀنــل وار کــارا، ڇــوڙي ڇــو وجــو پيــا،

کــري گهــور کــاوڙ پيڻــا گهنــڊ وجهــو ٿــا،
گــذريو ڇــا مــون تــي، مونکــان نــه پڇــو ٿــا.
اکــين تيــر دل ۾، کــوڙي ڇــو وجــو پيــا،

ســدا هــڪ جهــڙو هجــڻ آهــي مشــڪل.
جــوڀن ســونهن جــواني، رهنــدي نــاهي هرپــل،
خــوابن جــي پوبــان، تــوڙي ڇــو وجــو پيــا.

جهلــي ســينڌ ڇڳڙيــون، وڇــن تــو کيــا هئــا
”ســنگم“ کــين ڇنبــا، قســم تــو کنيــا هئــا
پلهــه نيــنهن ڳنــڍڙيون، تــوڙي ڇــو وجــو پيــا

# نظم

تنهنجي هيڪل راتين ۾ منهنجا سنبل سپنا آهن،
منهنجن ڪومل گيتن ۾ منهنجا رابيل رچنا آهن.

تنهنجن هٻڪيل حجابن ۾ منهنجا هبل هجنا آهن،
منهنجن وياڪل واين ۾ تنهنجا وچايل وچنا آهن.

تنهنجي چوريل چپڙن ۾ منهنجا چنچل چونا آهن،
منهنجن سڳنڌل سازن ۾ تنهنجا سيتل سرنا آهن.

تنهنجن وراپيل وارن ۾ منهنجا وانجهيل ورنا آهن،
منهنجن جيول جياپن ۾ تنهنجا جياريل جرنا آهن.

تنهنجن جيتل بازين ۾ منهنجا هارايل هرنا آهن،
منهنجن مچيل مچتائن ۾ تنهنجا مچايل مچنا آهن.

تنهنجي سلجهل سوچن ۾ منهنجا ”سنگمل“ سرچنا آهن،
منهنجن پيناريل پريتن ۾ تنهنجا پيارل پرچنا آهن.

# نظم

حسن سينگار گھٹون،
سچ پرچار مٽيون،
دلربا نيهار جهل ڪا،
ڏئي مرڪ، پينار ڪا،
ماڻيلا جانان، سگهو،
هاڻي پرچي، پئو.

پڌر پيرن ۾، جهڪيل،
آڪاش جذبا، ڪومل،
هر جتنان، وانگيان،
اورانگي نه، وڃجان،
رُڪ اماس، آسن ڪي،
ڄڻ عيد چند، باسن ڪي.

شام جي، پرٿن پويان،
ليئا پائيندي، ٿو ڳولهيان،
ماڻيلا اوجاڳيل، نيڻ،
ماڪي مرڪ، لب ميڻ،
اڄ اونهارا، پرين،
ٻانهيارا سڄڻ، پرين.

سرچڻا سرچي، پئو
پرچڻا پرچي، پئو
پرچڻا پرچي، پئو.

# نظم

مُڙس ڪونهين هُن جو مٽ ڪو
قوم ٻڏايو هُن ڪي پٽ ڪو.

ڳڙڳڙ ڳاريون ٻڪي بيٺو
وجود زبان سان لڪي بيٺو
چٽڪار ڪتي جيئن لاٽو چٽ ڪو
قوم ٻڏايو هُن ڪي پٽ ڪو.

اٿر اويلو صبح سويلو
ڏينهن ڏسي نہ وچون ويلو
پڪ پينونءَ جو آهي پُٽ ڪو
قوم ٻڏايو هُن ڪي پٽ ڪو.

سچ ”سنگم“ ڪي مچ لڳي ٿو
لونگي چڙ ڪو مرچ لڳي ٿو
ياڙيو بنهين آهي پٽ ڪو.
قوم ٻڏايو هُن ڪي پٽ ڪو.

# نظم

والدين جي، حقن جو
بزرگن جي، پڳن جو
پائرن سيپ، سڳن جو
قدر ڪنهن، وٽ ناهي.

اباڻن جي، ڪکن جو
سنڌوءَ جي، لڪن جو
جيجل ننگ، لڄن جو
قدر ڪنهن، وٽ ناهي.

سڄڻ يار، پيارن جو
دلبر دل، وارن جو
سنڌي هٿ، سچارن جو
قدر ڪنهن، وٽ ناهي.

سنڌ جي نظارن جو
پٽ جي نگارن جو
”سنگم“ جان نثارن جو
قدر ڪنهن، وٽ ناهي.

# نظم

جيجل جي لوليءَ تي بندش،
درياءَ جي ڇوليءَ تي بندش،
سنڌي منڙي ٻوليءَ تي بندش،
پيارن جي ٽوليءَ تي بندش،
پينار جي جهوليءَ تي بندش،
جوڳي جي مرليءَ تي بندش،
گيڙو رتن چوليءَ تي بندش،
هندو جي هوليءَ تي بندش،
سنگم جي پروليءَ تي بندش،
اڻ ٽيٽي آ، اڻ ٽيٽي آ، اڻ ٽيٽي آ.

ڪانگ جي گينگي تان ڪاوڙ
ملاح جي جهينگي تان ڪاوڙ
دوٻيءَ جي لينگهي تان ڪاوڙ
مڙس جي رينگي تان ڪاوڙ
ٻارن جي پينگهي تان ڪاوڙ
نہ لهڻي آ، نہ لهڻي آ، نہ لهڻي آ.

## نظم

جمهوريت جا نعرا جلال پرستي،
دوکو فريب دلال پرستي،
لٻاڙي چئو ليڊر تن کي ته،
منکر سڏيو ويندين.

لوفرن قرآني چندا ٽولا،
ورسيون شامون چندا ٽولا،
وائيڙو چئو ولهر تن کي ته،
منکر سڏيو ويندين.

ٽلها پيٽا ٻير پاندا،
ڦڏا ٽيڏا سکل ساندا،
چُغل چئو چٽر تن کي ته،
منکر سڏيو ويندين.

چرس چلمون پريل ڀنگ جا کونڊا،
ٽرو پي ڏين هڪ ٻئي کي پونڊا،
موالي چئو مچر تن کي ته،
منکر سڏيو ويندين.

جواري جڳن تي رکيو کپڙا وينا روئن،
گهر ٻچا پيا رکن گروي جوئن،
پليت چئو پٽر تن کي ته،
منکر سڏيو ويندين.

بي ادب بي هدا جن لکٽيون،
ادب ٻولي تان کنيون اڳڙيون،
ڏڦير چئو ڏچر تن کي ته،
منکر سڏيو ويندين.

والي وارث سيد سنڌ جا،
عالم قاري ”سنگم“ سنڌ جا،
کارو چئو کلر تن کي ته،
منکر سڏيو ويندين.

## نظم

ڪري قهر انسان پيو انسان مٿان،
ڪُسي روز ڪونڌر پيو قاتل هٿان،
وهي رت ريلا پيو ڌرتيءَ مٿان،
الله خلق تنهنجي ٿو توڪان پڇان،
اڙي آسمان او اڙي آسمان.

ناري ڪي ننگو ڏس نچايو وڃي پيو،
لوئي لڄ برڪو لڄايو وڃي پيو،
ڪومل ماس ڪتن پٽايو وڃي پيو،
ملامت جو جشن ملهايو وڃي پيو،
هيٺن تي حاڪم ڪري ٿو هلان،
اڙي آسمان اوا ڙي آسمان.

جهلي سينڌ چوٽيون ڇُنڊا جي پٽيا هت،
عورت ڪير عُضوا ڪمينن جي ڪٽيا هت،
ڇيري ٻار ويچون ڇُرن جي وڍيا هت،
ٻري لاش ٻوريون رستن جي ڇڏيا هت،
ٻوري پُٽ پيو پيءَ ڪي ڪفن جي بنان،
اڙي آسمان او اڙي آسمان.

وڳا گھنڊ ديپل ٻُڌو ڪيس ناهي،
دربارون دريافت رهيو ديس ناهي،
ڪري پهل ڪوئي پيو پيش ناهي،
ساڳي سُن سُڪن رهيو ويس ناهي،
پيل سيس سِرڪڻ لڳي چڪ چڪان،
اڙي آسمان او اڙي آسمان.

ايمان، انصاف، اخلاق ويو سڀ،
حديثون هدايت قرآن آهي چپ،
ولي قل عالم مچڻ ناهي هت،
هوا باهي پاٽي نه ڌرتي ڪُڇي جت،
”سنگم“ چا لڪجن ڪرتوت ڪاروان،
اڙي آسمان او اڙي آسمان.

# چئوسٽا

جرڳـــا ٽـــولا، جهـــانگي ســـنڌ،
وڳـــر ڳرائيـــون، وانگـــي ســـنڌ،
ميـــڙ مـــاروئڙن، عيـــدون مـــيلا،
”ســـنگم“ ســـڀا جهـــا، ســـانگي ســـنڌ.

دولـــت نـــہ شُـــهرت، توكـــان گهـــران ٿـــو،
بخشـــش نـــہ جنـــت، توكـــان گهـــران ٿـــو،
گهرجـــي ٿـــي ”ســـنگم“، اُو اڙي آســـمان،
سنڌوءَ ديش ڌرتي جي، مهلت گهران ٿو.

نـــاري كومـــل، نـــاري كوتـــا،
نـــاري كليـــون، نـــاري پوجـــا،
ڌرتـــي تنـــگ ڇـــو، تـــنهن لئـــہ ”ســـنگم“،
كـــاري ســـپ ڇـــو نـــاري ڇئـــو ٽـــا.

تـــرازن ۾ رت، تـــوري ڏنـــو ســـين،
مـــاس هـــڏن تـــان، كـــوري ڏنـــو ســـين،
گهـــري وقـــت پيٽـــا، ”ســـنگم“ جـــڏهن،
ســـر پنهـــنجن تـــان، گهـــوري ڏنـــو ســـين.

وقت وڇوٽيون، ڪٽيون آهن،
گگھ اونڌايون، مٺيون آهن،
هاڻ نہ سهبا ويڻ، ڪنهن جا ”سنگم“،
سختيون ڏاڍيون، سٺيون آهن.

ٻالهہ اندر جي، ڳولي ڇڏ،
امبر مُشڪون، کولي ڇڏ،
ڇڏ جيڪي ڇوڙ ڇاهين،
ٻول ٻاٻيحل، ٻولي ڇڏ.

هرڪو ٻولي، هر ڪا ٻولي،
تون ٻولين، هڪڙي ٻولي،
اڄ پڪيئڙا، اُوري اڄ،
مون کي گڏ، پنهنجي ٽولي،

ٻڌڻ ڏاڍگن ملي دلبر، ٻڌي ونجو،
صفا سهڻو هجي پرور، ٻڌي ونجو.
هلي جت وس نہ ڪو پنهنجو اُتي بهتر،
وهن لڙڪن ”سنگم“ ساگر، ٻڌي ونجو.

مٺڙي خوشبوءِ، موتي گل ۾،
توَلئي پيار آ، منهنجي دل ۾،
چنڊ وئي نه، مون کي ”سنگم“،
سڀ حسن آ، تنهنجي ڳل ۾.

سوا تنهنجي جيجل، گهر سُڃ ٿو لڳي،
اڱڻ اڄ اسان کي، رڻ ۽ رُڃ ٿو لڳي،
گل موتي مٺا ”سنگم“، ماڻهو گهڻا مگر،
محل ٿو بنان، مومل مُڃ ٿو لڳي.

ڌرتي تي نه ڪو سدا رهندو،
شاهوڪار نه ڪو گدا رهندو،
سر سنگيت جون ”سنگم“ محفلون،
ڪنهنجو ڪو نه ڪو مدا رهندو.

روز مارن جون، چوريون، ڌاڙيون،
غريبن ڪان ٿين، ڦريون، ماريون،
پوليس پاٿاري دارن، جي پاسي،
پيا ڳين تي وٺيون، لٽيون گاريون.

ڪاري ڏاڙهي، سائو پٽ ڪو،
سائين سجدي ۾، ڪائي گهٽ ڪو،
هجري اندر هنجهه، ۾ چوڪر،
استاد ڪري پيو چمي چٽ ڪو.

# بيت

پرهہ جا پيغام ڏنا، ڪاري رات ڪٽڇي،
هارين هر ڪاهيا، جوٽي ڏاند ڪڇي،
ٻرڪي ٻج ڇٽين، محنت ساڻ مڇي،
”سنگم“ سڀ سرچي، سائو ڪن سنڌ کي.

پيوند پيچ پريت جا، پاءِ پيارا اڇن،
ڇوري لال ڇپڙا، ڳالهيون مٺيون ڪن،
مرڪي مٺا پرين، هجتان حال پُڇن،
”سنگم“ مون سرچن، اڇي سيني اوڏ ڙا.

وطن وچن ويري، ۾ وساريج،
ڏاريان ڏڪاري ڏرتي، تان ترت تڙيج،
پوءِ پهريج اجرڪ، آجا پن جي.

وطن وچن سجڻ م وساريج
ساهہ سپاٽا سپوت سداپيو ساريج
گڏجي گڏاريج ”سنگم“ سپرين سان

ڇهنب وجهي ڇنبن ۾، ڇڳئين پاءِ ڇڪ،
پڪي پيتئي پڪون، سرڪ پري سڪ،
پينار توکي پرک، پوندي پاپ پنجري ۾.

ڏيندي ڪين ڏوراپا، موٽي توکي ماءُ،
سور سمورا ساڻ کٽي، وئين گهايل پنهنجا گهاءَ،
سڏڪندي ساهہ ”سنگم“، ڏنائين سڪرات ۾.

# نثري نظم
## دل جي ڪربلا

زندگي ٿري جو اُڃرو ڏُڪ
پيٽرول ڪي ڏنل چٽنگ
موبائل تي ايندڙ مس ڪال
۽ شاعر تي ٿيندڙ
تنقيد زندگي آهي
واپاري جو واڪ
فقير جو سوال
بخيل جي چڙ
۽ ٻار جو انگل زندگي آهي
هانا چٽي بلڪل ائين
جيئن مرد لاءِ
عورت زندگي آهي
اجان زندگي ڇا آهي رئيس
ناچٽي جي دل جي ڪربلا ۾
زندگي جي ٽتل رڻ جو
مقتل نظر اچڻ لڳو هو
۽ پاڻ لوٽي تي ٽڙ ٽڙ ڪندي
موڙي خماريل
نيٽن سان ڏسندي
ساڳيو جملو ورجائيندي
زندگي جي باري ۾ وري پڇڻ
لڳي تہ
ٻڌاءِ زندگي ڇا آهي سانول
ميلي جي هوٽل ۾
تماش گير ماڻهن جو
هجوم وڏندو ڏسي
مون ناچٽي ڪا نالو پڇندي
هٿ تي نوٽ رکي
وچڻ ڪان اڳ مختصر
جواب ڏيندي چيم
هاريشم زندگي گل آهي
صرف هڪ دفعو
ڪڙي مرجھائڻ لاءِ
زندگي جو ٻين ڏيئو آهي
ٻري وسامڻ لاءِ
زندگي ميلاپ آهي
ملڻ ڪانپوءِ هميشہ
جدا ٿيڻ لاءِ
جئين تون ۽ مان
ملي وري ٽٽڻ لاءِ
چپ چمڻ جي آس ۾
گڏ رهڻ جي تمنا ۾
جيڪا نہ پوري ٿيڻ ڪا اڳ
جدا ٿيندي ئي
پنهنجي منزل جو
رُخ ڪرڻ آهي
۽ تون دل جي ڪربلا ۾
زندگي ڳولهيندي رهہ
زندگي ڳولهيندي رهہ

## نثري نظم

# سڄڻ زلفن ڇٽ

ماڪ منهنجي دلدار جي
گل جهڙن ڳلن تي
نہ ڪرندي ڪر
منهنجو من پرين
سندي رخسارن تي
منهنجون مٺيون ئي
نہ سهي سگهندي
سندا ريڪائن لبڙا
منهنجن لبن ساڻ ملاءِ
منهنجي جوٽ تي
اهلي پوندو آهي
۽ سڄڻ زلفن ڇٽ
منهنجن ٻڪن مان
وڪري ڪري

سندس رنگريز جسم ڪي
لڪائڻ جي
ڪوشش ڪندو آهي
۽ ان رات ڪڙندڙ چنڊ بہ
اسان ٻنهين جون
مرڪ هجتون
ڏسڻ ڪان گهٽو ڪجهہ اڳ
پنهنجي تڪ روشني ڪي
ڪڪرن ۾ لڪاءِ
اوهان ويل گهڙي پل ڪن
ڇپي ويندو آهي
تون؟ پر تون!!
روز روز
تي پوسل ڪرين
منهنجي دلدار جا ڳل

# نثري نظم

## يادن جو ڪوهيڙو

سرد موسم جي سياٽ ۾،
اتر جي هوا کي سامهون ويندي،
ننڊايل نيڻن جا خمار ٽٽي پيا هئا،
نائيٽ ڊيوٽي
شفٽ جي بس جو اوسيئڙو،
۽ رات جي ڪوهيڙي ۾
پرٿجي ويل چنڊ،
ائين لڳي رهيو هو جڻ ڪنهن،
ڪڪائن گهر ۾ آس جو ڏيئو،
هاها ڊم لائٽ
ڪمري جي هلڪي روشني،
جيئن تون ذلفن جي ڇچ ۾،
پوشاڪجي ويندي آهين تمنا،
فيڪٽري جو گيٽ اِن ڪندي،
حاضري ڪارڊ ڏيندي ئي،
غلامي جي اٺ ڪلاڪي
پنجوڙ ۾،
نااهل ڀهروپ جي اڳيان
قيد ٿي ويندو آهيان،
۽ منهنجن هٿن ۾،
تنهنجن آسيس ڏيندڙ هٿڙن بجاءِ
گولڊ فش جي پينسل آهي،
ليب جي اسٽول تي ويهڻ کان، اڳ
جوس جي ڪيل
سيمپل جي ڪلڪيوليشن ۾،
ڪليريڪل مسٽيڪن کي
درست ڪرڻ لاءِ،
ڊوڪس جي ربڙ سان مٽائيندي،
پنهنجا ڪئين سپنا
واش ڪري ويهندو آهيان،
ها سڪ جي آس ۾
زندگي کي ڳولهيندي،
غمن جي ڪوهيڙي ۾
پرٿجي ويندو آهيان،
اڪيلو وياڪل
ننڍڙي ٻار جيان،
جهور ڪراري جند جيان،
لڳي ٿو يتيم سنڌ جيان،
سنڌي ٻولي سڳنڌ جيان،
اڪيلو رهجي ويو آهيان،
يادن جي ڪوهيڙي ۾،
اڪيلو رهجي ويو آهيان.

# نثري نظم

## ماڪيءَ جي رس جو ڍُڪ

ٻڪريون چاري گهر اچڻ تي
سج لهي چڪو هو
عيدالفطر چنڊ جي رات
۽ ناني جي جيءَ جي گهر
حڪو آيل هئي
جيڪا همشہ وانگي روندي
منهنجا ميرڙا ڳل
۽ ڏٻرڙا هٿ چمندي رهي
ماءُ سڏڻ لاءِ
چوندي رهي
مون پنهنجو منهن سندس
چولڙي ۾ لڪائيندي
نيٺ امان چئي ڏنو هو
۽ منهنجي زبان تي
عجيب مٺاس جي
نواڻ جو چس لڳو هو
ڄڻ تہ جنت جي سمنڊ سنڌو مان
مصراٽي ماڪيءَ جي رس جو
ڍُڪ ڀري پيتو هجي؟؟

۽ حڪو جي ٿاري لي دل تي
سانوٽيءَ جو ڪڪر وسي پيو هو
مون جيجل جي ٻڙ ڇاءُ ۾ جنت
جي هوا
۽ بوند ۾ پاڻ کي
پسندو محسوس ڪيو هو
ان ويل امڙ چوڻ لڳي تہ
آئون تنهنجي سڳي ماءُ آهيان مٺار
تنهنجي والد ٻئي شادي لاءِ
تو کي مو کان کسڻ وقت
ست ڪوهاڙيون هٽي ماري
چڪو هو پر
ربي جليل توسان ملائڻ لاءِ
وري ب زنده رکيو آهي
تڏهن پيرن تي ڪري روند رهيس
قدمڙا چمندو رهيس
پيرن ۾ جنت پسندو رهيس.

# نثري نظم

## رات ڇو رُنين

صنوبر گڏي
هٿڙن ۾ کڏي
کلندي روئيندي
روئيندي کلندي
ٿي آهي جا وڏي
اڳڻ آئيندي ۾
وهندي پينگهي ۾
مون ڏي ڏسندي
۽ مون کان پڇندي
چوندي رهي
پڇندي رهي
بابا او بابا
مون کي تہ ٻڌاءِ
رات ڇو رنين
مون ڏي ڏسي ڏسي

۽ مون کان رسي
رات ڇو رنين
رات ڇو رنين
ماءُ کانپوءِ ڏيءَ
ماءُ جيجل ڏيءَ
اکين جو آر نہ پچ
والدين جو پيار نہ پچ
راڻي ٻڻجڻ محل
تون گهر ڇڏڻ محل
مون ڏي ڏسجان
۽ مون کان پڇجان
ان ويل تہ پڇجان
۽ پوءِ چئجان
رات ڇو رنين
رات ڇو رونين

روپ سُندرتا رنگ، سارا اجرڪ،
آسمان تي جهرڪن، تارا اجرڪ.

سُڳنڌ مڪڙين جهڙي، ڌرتي سنڌ،
سون ڪنارا سا، ڏارا اجرڪ.

ويس اڏورا ڇڻ، سنڌين سارا،
جي نہ پهرين تو پارا اجرڪ.

ڪڪراٽي چنڙي، پهري ناري،
سُنبل لڳي سا گُل، زارا اجرڪ.

اچو تہ گڏجي، ايڪتا ملهايون،
مٿي ڪان مڪلي، وارا اجرڪ.

مندر بچا يون، مسجدون مُسلم،
ڀلا ري ڪتابن، وارا اجرڪ.

اڳواڻ علي ءِ سان، گڏجي هٽبا،
”سنگم“ حقن جا سڀ، نعرا اجرڪ.